جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 17 | آچر 25 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 13 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 14

# گڏيل قومن کي ڪيترن ئي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ عالمي سطح تي ڪوشش ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: شهباز شريف

سمورين رياستن جي خودمختيار برابري، انهن جي داخلي معاملن ۾ عدم مداخلت، خودمختياري جي حق ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اصولن سان پاڪستان پنهنجي وابستگي جو ورجاءُ ڪري ٿو

گڏيل قومن کي اڄ دنيا کي درپيش ڪيترن ئي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ عالمي سطح تي ڪوشش ۾ قائداڻو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

پاڪستان اڄ عالمي برادري سان گڏجي گڏيل قومن جو ڏينهن ملهائي رهيو آهي، جيڪو گڏيل قومن جي منشور جي منظوري جا 81 سال مڪمل ٿيڻ جي ياد ڏياري ٿو

ان تاريخي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن سان پنهنجي اٽل وابستگي جو ورجاءُ ڪري ٿو

خاص طور تي سمورين رياستن جي خودمختيار برابري، انهن جي داخلي معاملن ۾ عدم مداخلت، خودمختياري جي حق ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اصولن سان پاڪستان پنهنجي وابستگي جو ورجاءُ ڪري ٿو

اها ڳالهه ڳڻتي جوڳي آهي ته گڏيل قومن جي منشور جي ڪيترن ئي بنيادي اصولن جي سڄي دنيا ۾ مسلسل ۽ بنا ڪنهن خوف جي خلاف ورزي ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته گڏيل قومن جي عالمي تاريخي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن سان پنهنجي اٽل وابستگي جو ورجاءُ ۽ سمورين رياستن جي خودمختيار برابري، انهن جي داخلي معاملن ۾ عدم مداخلت، خودمختياري جي حق ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اصولن سان پاڪستان پنهنجي وابست/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

## پاڪستان پاران اردن جي گادي واري شهر ڪرڪ ۾ گرجا گهر تي دهشتگردانه حملي جي مذمت

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اردن جي شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر ۾ جنازي دوران دهشتگردانه حملي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

## پاڪستان پاران اردن جي گادي واري شهر ڪرڪ ۾ گرجا گهر تي دهشتگردانه حملي جي مذمت

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان اردن جي شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر ۾ جنازي دوران دهشتگردانه حملي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

# پاڪستان طرفان وچ اوڀر جي صورتحال تي ڳڻتيءَ جو اظهار امن لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ تي اتفاق

استنبول ۾ آر 4 ملڪن، پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ چئني ملڪن جي پرڏيهي وزيرن علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

وچ اوڀر سميت خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو حوثي مليشيا جون ڪارروايون يمن ۾ انساني بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيون آهن

سعودي عرب تي حوثي مليشيا جي حملن، خاص طور شهرين ۽ شهري تنصيبات کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪئي وئي. گڏيل پڌرنامي ۾ ڳاڙهي سمنڊ ۽ باب المندب ۾ واپاري جهازن تي حوثي حملن جي مذمت

حوثي مليشيا فوري طور فوجي ڪارروايون ۽ حملا بند ڪري. پڌرنامي ۾ يمن جي حڪومت ۽ سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار پڻ ڪيو ويو

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ تڪرار جو حل رڳو ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ ذريعي ممڪن آهي. تڪرار دوران شهرين، شهري تنصيبات ۽ جهازن کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو وڃي

پاڪستان ۾ طئي ٿيل مفاهمت جي يادداشت جي حمايت پڻ ڪئي وئي آبنائي هرمز ۾ محفوظ بحري آمدرفت ۽ جهاز رانيءَ جي آزادي انتهائي ضروري آهي

استنبول(م د) پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب وچ اوڀر جي صورتحال تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي امن لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو آهي. جڏهن ته چئني ملڪن فلسطين ۾ ٻن رياستن واري حل تي جلد عملدرآمد جو مطالبو ڪيو آهي. استنبول ۾ آر 4 ملڪن، پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيو جنهن جو گڏيل پڌرنامو جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب1

استنبول: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار گڏيل اجلاس جي صدارت ڪندي

# سنڌ جو ڪو به ٻار پوليو ويڪسين کان محروم نه رهندو: مراد علي شاه

پوليو خلاف جنگ ۾ ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو، عالمي پوليو ڏهاڙي تي وڏي وزير مراد علي شاه جو پيغام

هن سنڌ جي هر ٻار کي ان موذي مرض کان محفوظ رکڻ کي حڪومت جي پهرين ترجيح ۽ قومي ذميواري قرار ڏنو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## اسحاق ڊار ترڪيه جو دورو مڪمل ڪري استنبول کان اسلام آباد روانو

ان دوري دوران نائب وزيراعظم آر 4 پرڏيهي وزيرن جي اجلاس ۽ آر 4 واءِ 4 اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

دوري دوران هن ترڪيه جي صدر رجب طيب اردوان ۽ پنهنجن هم منصبن سان ٻه طرفه ملاقاتون به ڪيون

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه جو دورو مڪمل ڪرڻ بعد استنبول کان اسلام آباد روانو ٿي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

## پاڪستان ۾ سون وڌيڪ سستو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ اڄ به لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

# پوليو جو خاتمو حڪومت، طبي عملي، والدين ۽ معاشري جي مسلسل ۽ نوس ڪوششن جي گهرج ڪري ٿو: آصفه ڀٽو

ضروري آهي ته هر ڊر جي ڪوشش ٻين جي ڪوشش سان هم آهنگ هجي ۽ ويڪسين پيارڻ جي مهم، عوامي رابطا ۽ فرنٽ لائين ڪارڪنن جي مدد سان گڏ جاري رهن

اچو اسان پوليو کان پاڪ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪريون جتي هر ٻار صحتمند زندگي گذاري سگهي ۽ ان تدارڪ جوڳي بيماري کان محفوظ رهي

پوليو جو خاتمو منهنجي دل جي تمام ويجهو آهي. منهنجي والده شهيد محترمه بينظير ڀٽو 1994ع ۾ پوليو جي خاتمي جي پهرين ملڪ گير مهم شروع ڪئي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته پوليو جو خاتمو حڪومت، طبي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

# ملڪ جي هر حصي تائين پوليو ويڪسين جي پهچ يقيني بڻائڻ جي لاءِ تعاون لازمي آهي: صدر زرداري

هر ٻار کي ان تدارڪ جوڳي مرض کان محفوظ رکڻ جي لاءِ حڪومت، صحت جي ڪارڪنن، والدين ۽ معاشري جون مسلسل گڏيل ڪوششون ضروري آهن

پاڪستان پوليو جي خاتمي طرف نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي. ملڪ ۾ پوليو جي ڪيسز جي انگ ۾ 99.8 سيڪڙو تائين گهٽتائي آئي آهي

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

# آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ سڀني لاءِ هڪجهڙو انصاف جمهوريت جا بنيادي اصول آهن: سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ

انصاف جي فراهمي ڪنهن به شهري جي سماجي حيثيت، سياسي وابستگي يا مالي وسيلن کان متاثر نه ٿيڻ گهرجي

مرحوم پيرالاهي بخش جي 51 هين ورسيءَ جي موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو

دادو (رپورٽر) سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ قانون ۽ انصاف جي چيئرمين سينيٽر فاروق حامد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

## پاڪستان پوليو جي ڪيسز ۾ گهٽتائي آڻڻ جي لاءِ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي: وقتي صدر

خاندانن کي معمول جي حفاظتي ڦڙن ۽ ٻين ضروري طبي سهولتن سان ڳنڍڻ جي موقعن مان پڻ فائدو کڻڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) وقتي صدر سيد يوسف رضا گيلاني فرنٽ لائين هيلٿ ورڪرز جي خدمتن کي ساراهيندي چيو آهي ته پاڪستان پوليو جي ڪيسز/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19


نوابشاهه: صوبائي گهرو وزير ضياءالنجار آءِ جي سنڌ سان گڏ پوليس اسٽيشن جي افتتاح دوران سلامي پيش ڪئي پئي وڃي

# آمريڪي فوج کي نار واري سمنڊ ۾ ڪڏهن به داخل ٿيڻ نه ڏينداسين: ايراني فوج جو اعلان

آمريڪي فوج جي نار واري سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو: ايران جي هٿياربند فوجن جي سربراهه علي عبداللهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي مخاطب

ايران ڪنهن به وقت ۽ ڪنهن به حالت ۾ آمريڪي فوجي جهازن کي نار واري سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيندو: علي عبداللهي

هن سخت لهجي ۾ چيو ته آمريڪي صدر کي نار واري سمنڊ ۾ پنهنجي هٿياربند فوجن جي موجودگيءَ جو خواب ڏسڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجي

تهران (م د) ايران جي هٿياربند فوجن جي سربراهه علي عبداللهي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي مخاطب ٿيندي چيو آهي ته آمريڪي فوج جي نار واري سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو. ايراني سرڪاري ٽيليويزن موجب، علي عبداللهي ڇنڇر ڏينهن پنهنجي بيان ۾ چيو ته ايران ڪنهن به وقت ۽ ڪنهن به حالت ۾ آمريڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمب18

دادو: سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ قانون ۽ انصاف جي چيئرمين سينيٽر فاروق حامد نائڪ تقريب ۾ موجود آهي

# مڪي دفاعي معاهدي ۾ ڪو به ڳجهو نقطو ناهي: پاڪستان

پاڪستان ۽ سعودي عرب مڪي معاهدي جي توثيق جا مرحلا مڪمل ڪري ورتا آهن: سجاد حيدر خان

ترڪ پارليامينٽ ۾ پيش ڪيل مڪي گڏيل دفاعي معاهدي جي پڻ توثيق ڪريون ٿا

معاهدي ۾ ڪو به ڳجهو نقطو ناهي ۽ مڪي دفاعي معاهدي جو جيڪو مسودو سامهون آيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان سجاد حيدر خان چيو آهي ته مڪي دفاعي معاهدي ۾ ڪو به ڳجهو نقطو شامل ناهي. هڪ بيان ۾ سجاد حيدر خان چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب مڪي معاهدي جي توثيق جا مرحلا /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

# پاڪ-ڀارت جنگ ۾ 11 جهاز ڪيرايا ويا، دنيا ۾ 8 جنگ بند ڪرايون پر نوبل انعام نه مليو: ٽرمپ

ٻنهي ملڪن کي خبردار ڪيو هو ته جيڪڏهن جنگ بند نه ڪئي وئي ته واپار بند ڪري ڇڏيندو ۽ ڳرا واپاري محصول لاڳو ڪندو

ان مان پنج جنگيون واپاري محصولن وسيلي بند ڪرايون. پاڪستان ۽ ڀارت، جيڪي ٻئي جوهري هٿيار رکندڙ ملڪ آهن

ٻنهي ملڪن کي چيم ته جيڪڏهن جنگ بند نه ڪئي وئي ته واپار بند ڪري ڇڏيندس ۽ ڳرا واپاري محصول مڙهيندس

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ 2025ع ۾ پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ٿيل جنگ جو ٻيهر ذڪر ڪندي دعويٰ ڪئي آهي ته جنگ دوران 11 جهاز ڪيرايا ويا هئا. هن چيو ته ٻنهي ملڪن کي خبردار ڪيو هو ته جيڪڏهن جنگ بند /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ٺٽو: صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

# مير رضا ڪيس: جي آءِ ٽي سميت وڌيڪ 2 جاچ ڪميٽيون قائم

مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جوڙيل جي آءِ ٽي جي سربراهي ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ڪندو

ٽيم ۾ آءِ ايس آءِ، انٽيليجنس بيورو، پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽيگيشن ايجنسي جا سينيئر نمائندا پڻ شامل هوندا

ايف آءِ اي جي گريڊ 20 يا ان کان مٿي جي آفيسر جي سربراهيءَ ۾ هڪ ٻي ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت مير رضا علي قتل ڪيس ۾ جوڊيشل ڪميشن جي سفارشن تي عملدرآمد شروع ڪندي گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) قائم ڪري ڇڏي آهي. مير رضا قتل ڪيس جي جاچ لاءِ جوڙيل جي آءِ ٽي جي سربراهي ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ڪندو، جڏهن ته ٽيم ۾ آءِ ايس آءِ، انٽيليجنس بيورو، پاڪستان رينجرز سنڌ ۽ نيشنل سائبر ڪرائيم انويسٽ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

# ڪراچي ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ بجلي جي اڻهوند باوجود ڪي اليڪٽرڪ جي 70 سيڪڙو حصو لوڊشيڊنگ فري هجڻ جي دعويٰ

جتي رهواسي باقاعدگيءَ سان بجليءَ جا بل ڀرين ٿا، پر ٻين علائقن ۾ بجليءَ جي نقصانن سبب انهن علائقن ۾ به بجلي بند ڪئي پئي وڃي

شهر جي 70 سيڪڙو علائقن ۾ بجلي بند نه پئي ڪئي وڃي، هن وقت رڳو 30 سيڪڙو بجليءَ جي چوري وارن علائقن ۾ لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي

هلندڙ سال بجلي چوري ڪندڙن خلاف لڳ ڀڳ 5 هزار ڪارروايون ڪيون ويون، بجليءَ جي چورن مان 44 هزار ڪلوگرام کان وڌيڪ غيرقانوني تارون هٽايون ويون آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجليءَ جي اعلانيل ۽ بنا اعلان بندش جو سلسلو جاري آهي. جن ۾ شهر جا ڪيترائي اهڙا علائقا به شامل آهن، جتي رهواسي باقاعدگيءَ سان بجليءَ جا بل ڀرين ٿا. پر ٻين علائقن ۾ بجليءَ جي نقص/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

# سنڌ ۾ 6 لک 80 هزار کان وڌيڪ آن لائين ڊرائيونگ لائسنس جاري

ٻن سالن دوران سنڌ ۾ 9 لک 47 هزار 318 صارفين آن لائين سسٽم تي رجسٽرڊ ٿيا

شهرين گهر ويٺي پاڻمرادو 6 لک 80 هزار 522 ڊرائيونگ لائسنس جاري ڪرايا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ 24 آڪٽوبر 2024ع تي شروع ڪيل آن لائين ڊرائيونگ لائسنس سسٽم کي ٻه سال مڪمل ٿي ويا آهن. ڊي آءِ جي ٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

# اين ايڇ اي جي مالياتي استحڪام کي حاصل ڪرڻ اولين ترجيح آهي: وفاقي وزير احد چيما

اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير سينيٽر احد چيما جي صدارت هيٺ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو

ايشيائي ترقياتي بينڪ جي ڪنسلٽنٽ سان گڏجي جاري جائزي ۽ اداري کي مالي طور مستحڪم بڻائڻ جي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو

عملدارن اي ڊي بي جي ڪنسلٽنٽ سان جاري اسٽڊي جي شروعاتي نتيجن تي اجلاس کي بريفنگ ڏني

ان موقعي تي اين ايڇ اي جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ، ان جي آپريشنز کي فعال ڪرڻ ۽ مالياتي پائيداري کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مختلف ماڊلز ۽ تجويزون پيش ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير سينيٽر احد چيما جي صدارت هيٺ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي حوالي سان اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ اين ايڇ اي جو بزنس پلان تيار ڪرڻ لاءِ قدمن، ايشيائي ترقياتي بينڪ جي ڪنسلٽنٽ سان گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

# ذاتي طور ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي حق ۾ ناهيان: گورنر سنڌ

خيبرپختونخوا ۾ رياست دشمن عنصرن جي سهولتڪاري روڪڻ لاءِ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻي پئي

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي آئين موجب لاڳو ڪئي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) گورنر سنڌ نهال هاشمي چيو آهي ته هو ذاتي طور ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جي حق ۾ ناهي. ميڊيا سان ڳالهائيندي نهال هاشمي چيو ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

# انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت وفاقي وزير پاران سيئول ۾ مشهور پينگيو ٽيڪنو ويلي جو دورو

پينگيو ٽيڪنو ويلي آمد تي وفاقي وزير کي عالمي ٽيڪنالاجي مرڪز جي طريقيڪار ۽ جديد ايجادن تي بريفنگ ڏني وئي

وفاقي وزير کي مصنوعي ذهانت، سيمي ڪنڊڪٽرز ۽ جديد ڍانچي کي هٿي ڏيڻ بابت به آگاهه ڪيو ويو

پاڪستان ۽ ڏکڻ ڪوريا ڊيجيٽل معيشت ۽ ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو ورجاءُ ڪيو

پاڪستان، ڏکڻ ڪوريا جي جديد ٽيڪ ماڊلز مان ڀرپور فائدو حاصل ڪندو، ٻنهي ملڪن وچ ۾ فني معلومات ۽ تجربن جي ڏي وٺ تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن بابت وفاقي وزير شزه فاطمه خواجا ڏکڻ ڪوريا جي گادي واري شهر سيئول ۾ مشهور پينگيو ٽيڪنو ويلي جو اهم دورو ڪيو. پينگيو ٽيڪنو ويلي آمد تي وفاقي وزير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي وزير پاران سيئول ۾ مشهور پينگيو ٽيڪنو ويلي جو دورو ڪرڻ دوران نڪتل گروپ فوٽو

## ڪراچي: مبينا پوليس مقابلو، 2 زخمي ڦورو گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پوليس مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

## شهدادپور ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نئين پرڻيل جوڙي کي گوليون هڻي قتل

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي شهدادپور ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نئين پرڻيل جوڙي کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. جڏهن ته ٻنهي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

## نيلم نديءَ ۾ اسڪول ويندڙ ٻارن جي گاڏي ڪرڻ سبب 4 ٻار فوت، 3 ٻارن سميت 4 ڄڻا زخمي

لاهور (م د) وادي نيلم ۾ نگدر گهوڙي نڪا ڀرسان گاڏي نيلم نديءَ ۾ ڪري پئي، جنهن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

# ايئرپورٽ نندي گيٽ ڀرسان ٽرين جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت

واقعي جو اطلاع ملڻ بعد امدادي ڪارروايون ڪيون ويون ۽ فوتيءَ جو لاش جناح اسپتال منتقل

فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايئرپورٽ نندي گيٽ ڀرسان ريلوي ٽريڪ تي ٽرين جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو. ريسڪيو ذريعن موجب واقعي جو اطلاع ملڻ ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

# جاچ آفيسر جي ڪمري مان 6 ڪروڙ جو سامان گم، انسپيڪٽر گرفتار

جنهن بعد ايف آءِ اي ڪراچي جاچ انسپيڪٽر شيخ سهيل محمود کي گرفتار ڪري ورتو

7 مئي 2026ع تي مختلف هنڌن تي ڪارروائين دوران ضبط ڪيل سامان ايف آءِ اي جي تحويل ۾ ڏنو ويو هو

ڪراچي (رپورٽر) ايف آءِ اي اينٽي ڪرپشن سرڪل ۾ داخل ڪيس ۾ ضبط ڪيل قيمتي سامان جاچ آفيسر جي ڪمري مان گم ٿيڻ جو انڪشاف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

# پينشن ملازم جو قانوني ۽ آئيني حق آهي، خيرات ناهي: عدالت

ناڻي واري وزارت ۽ لاڳاپيل اختيارين کي نويد الله جي پينشن ۽ مراعتون فوري طور جاري ڪرڻ جي هدايت

پينشن ڪا خيرات، رعايت يا عطيو نه، پر ملازم جو قانوني ۽ آئيني حق آهي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نيشنل سيونگز سينٽر ۾ مقرر آفيسر نويد الله کي رٽائرمينٽ تي پينشن ۽ ٻيون مراعتون ادا ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: پوليس جا اهلڪار چيڪنگ ڪرڻ ۾ مصروف آهن

## شهدادپور، پسند جي شادي ڪندڙ نئون جوڙو قتل

سانگهڙ (رپورٽر) شهدادپور ۾ پسند جي شادي ڪندڙ نئين جوڙي کي فائرنگ ڪري قتل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## ڊيانا ڪيس: ضمانت تي آزاد ٿيندڙ جوابدار ٻيهر گرفتار

لاهور (م د) سي سي ڊي پرڏيهي عورت ڊيانا سان مبينا زيادتي واري ڪيس ۾ ضمانت تي آزاد /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

## ڪراچي ۾ ڪيس جي جاچ جو ضبط ڪيل سامان ايف آءِ اي جي آفيسر جي ڪمري مان گم، جاچ آفيسر گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي اينٽي ڪرپشن سرڪل ۾ داخل ڪيل ڪيس جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيما اجلاس جي صدارت ڪندي

## راجه پرويز اشرف جي گهر مان چوري، چور درين، دروازن سميت لکين روپين جو سامان کڻي فرار

راولپنڊي ۾ جاتلي جي علائقي ڍوڪ امب ۾ راجه پرويز اشرف جي رهائشگاهه تي چوري جي ڪارروائي ٿي

جنهن جو ڪيس اڳوڻي وزيراعظم جي پرسنل سيڪريٽري طيب فضل جي درخواست تي جاتلي ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو

راولپنڊي (م د) پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم راجه پرويز اشرف جي رهائشگاهه تي چوري جي واردات ٿي، جنهن دوران چور لکين روپين ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

## حنا جاويد ڪيس بابت مريم نواز جو اهم بيان: جنسي زيادتي ڪيس ۾ 2 ڪروڙ جي آڇ جو به انڪشاف

ڊي اين اي ۽ پولي گراف ٽيسٽ جا نتيجا قتل ۽ زيادتي ۾ گهريلو ملازم جي ملوث هجڻ جي نشاندهي ڪن ٿا

امير خاندان مبينه طور تي متاثر عورت کي پنهنجا الزام واپس وٺڻ جي بدلي ۾ ڏيڍ ڪروڙ روپين جي آڇ ڪئي آهي

لاهور (م د) حنا جاويد هاءِ پروفائل قتل ڪيس بابت پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جو اهم بيان سامهون اچي ويو آهي. اهو رد عمل پنجاب جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

# شيخوپورا ۾ ڪير پياڪ نياڻي حوالي ڪرڻ تان جهيڙو، 3 عورتون قتل

ڪير پياڪ نياڻي حوالي ڪرڻ واري معاملي تان جهيڙي دوران هڪ جوابدار فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ 3 عورتون مارجي ويون

مارجي ويل عورتن ۾ جوابدار جي سس، سالي ۽ سالي جي زال شامل آهن. واردات کان پوءِ جوابدار فرار ٿي ويو

ٽنهي عورتن جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن: پوليس

لاهور (م د) پنجاب جي شهر شيخوپورا جي ڳوٺ ننه علي ۾ ڪير پياڪ نياڻي حوالي ڪرڻ واري معاملي تان جهيڙي دوران هڪ جوابدار فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ 3 عورتون مارجي ويون. پوليس موجب، مارجي ويل عورتن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

# اردن: چرچ ۾ ميت جي آخري رسمن دوران فائرنگ، 8 ماڻهو مارجي ويا

واقعي وقت گرجا گهر اندر ميت جون آخري رسمون جاري هيون ته هٿياربندن فائرنگ ڪئي، جنهن سبب جاني نقصان ٿيو

حملي ۾ انتهاپسند ملوث هئا، پر هن وقت اهو چوڻ وقت کان اڳ هوندو ته انهن جو اردن اندر يا ٻاهر ڪنهن گروهه سان واسطو آهي

اردن جي وزيراعظم واقعي ۾ ٿيل جاني نقصان تي ڏک جو اظهار گرجا گهر تي حملو دهشتگرديءَ واري سوچ ۽ انڌي انتهاپسنديءَ جو نتيجو آهي

ڪرڪ (م د) اردن جي ڪرڪ صوبي جي علائقي ۾ واقع حمود گرجا گهر اندر ميت جون آخري رسمون ادا ڪرڻ دوران هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ 8 ڄڻا مارجي ويا. جڏهن ته 40 ڄڻا زخمي ٿي پيا. اردني اختيارين موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهہ شيرازي

آچر 25 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 13 جمادي الاول 1448ھ

# جنگي جنون ۽ عالمي امن جو خطرو

دنيا هن وقت اهڙي خطرناڪ صورتحال مان گذري رهي آهي، جتي طاقتور ملڪن جي سياسي ضد، فوجي برتريءَ جي خواهش ۽ هڪ ٻئي تي دٻاءُ وجهڻ واري پاليسيءَ سبب عالمي امن مسلسل خطري ۾ آهي. آمريڪا پاران ايران تي ٻيهر حملي جي امڪان، ايران جي جوابي تيارين، روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جنگ جي تباهہ ڪارين ۽ قبضي هيٺ اولهہ ڪناري ۾ اسرائيلي فوجي ڪارروائين بابت سامهون آيل اڳيرائيون ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ دنيا جا ڪيترائي خطا اڃا تائين جنگ جي باهہ ۾ سڙي رهيا آهن، جڏهن تہ عام ماڻهو امن، تحفظ ۽ زندگيءَ جي بنيادي سهولتن لاءِ پريشان آهن. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران خلاف وڌيڪ فوجي ڪارروائيءَ جو اشارو ۽ ساڳئي وقت ڳالهين ذريعي معاهدي جي امڪان جو ذڪر ظاهر ڪري ٿو تہ عالمي مسئلن جو حل رڳو طاقت جي استعمال ۾ نہ، پر سنجيده سفارتڪاريءَ ۾ آهي. ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ جي آمريڪي موقف کي پنهنجي جاءِ تي ڏسي سگهجي ٿو، پر ڪنهن بہ ملڪ خلاف هڪ طرفي فوجي ڪارروائي خطي کي وڏي جنگ ڏانهن ڌڪي سگهي ٿي. جيڪڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل ٻيهر ايران تي حملا ڪن ٿا تہ ان جا اثر رڳو ايران تائين محدود رهڻ جو امڪان گهٽ آهي؛ خليج فارس، آبنائي هرمز، تيل جي عالمي واپار، سامونڊي آمدرفت ۽ عالمي معيشت تي بہ ان جا سنگين نتيجا پئجي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ ان جي انساني ۽ معاشي قيمت جو اندازو لڳائڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ جنگين جا فيصلا حڪمران ڪن ٿا، پر انهن جي سزا عام شهرين، مزدورن، ٻارن ۽ عورتن کي ڀوڳڻي پوي ٿي. ايران پاران آبنائي هرمز هيٺان گذرندڙ انٽرنيٽ ڪيبلن ۽ فوجي اڏن کي نشانو بڻائڻ جي مبينا منصوبي بابت رپورٽون بہ عالمي سلامتيءَ لاءِ ڳڻتيءَ جوڳيون آهن. اڄوڪي دنيا ۾ انٽرنيٽ ڪيبلون رڳو رابطن جو ذريعو نہ، پر واپار، بئنڪنگ، سرڪاري خدمتن، ڪاروبار ۽ عالمي معيشت جي بنيادي ڍانچي جو اهم حصو آهن. انهن کي نقصان پهچڻ سان ڪيترن ئي ملڪن جي رابطن ۽ معاشي سرگرمين ۾ خلل پئجي سگهي ٿو. ان ڪري سامونڊي رابطن جي تحفظ کي جنگي حڪمت عمليءَ جو نشانو بڻائڻ بدران عالمي ذميواريءَ طور ڏسڻ گهرجي. ساڳئي وقت ايران جي فوجي ڊرونن ۽ غير روايتي جنگ لاءِ تيارين بابت دعوائن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ خطي ۾ فوجي مقابلو وڌيڪ پيچيده ٿي رهيو آهي. اهڙي مقابلي کي روڪڻ لاءِ عالمي طاقتن کي ڌمڪين ۽ جوابي ڌمڪين بدران ڳالهين، اعتماد سازيءَ ۽ واضح سفارتي رستن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. ٻئي پاسي روس ۽ يوڪرين وچ ۾ ڏکڻ يوڪرين جي شهر اوليشڪي ۾ عارضي جنگ بنديءَ جو اعلان هڪ اهڙي جنگ دوران اميد جي ڪرڻ آهي، جنهن سبب وڏي پيماني تي انساني تڪليفون پيدا ٿيون آهن. شهر ۾ موجود بزرگن ۽ بيمار شهرين کي دوائن، خوراڪ، صاف پاڻي ۽ طبي امداد جي ضرورت، محدود بجلي ۽ بارودي سرنگن سان ڀريل رستن جي صورتحال ٻڌائي ٿي تہ جنگ جو سڀ کان وڏو بار بيگناهہ ماڻهن تي پوي ٿو. جيڪڏهن عارضي جنگ بنديءَ ذريعي امداد پهچائڻ ۽ شهرين کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪرڻ ممڪن ٿئي ٿو تہ اهو هڪ مثبت قدم هوندو، پر اهڙن اعلانن کي عملي طور لاڳو ڪرڻ ۽ امدادي ڪارڪنن کي محفوظ رستو فراهم ڪرڻ بہ اوترو ئي ضروري آهي. جنگ بنديءَ کي رڳو عارضي انتظام نہ، پر مستقل امن ڏانهن اڳيرائيءَ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي. ان لاءِ روس ۽ يوڪرين جي قيادت سان گڏ عالمي برادريءَ کي بہ سنجيده ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان کان وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال قبضي هيٺ اولهہ ڪناري ۾ پيدا ٿي رهي آهي، جتي اسرائيلي وزيراعظم بنيامين نتنياهو وڏي فوجي آپريشن ۽ مڪمل لاڪ ڊائون جو اعلان ڪيو آهي. فائرنگ جي واقعي ۾ اسرائيلي فوجين جي مارجڻ ۽ زخمي ٿيڻ جي خبر پنهنجي جاءِ تي، پر ان جي جواب ۾ وڏي فوجي ڪارروائيءَ جا نتيجا عام فلسطينين لاءِ وڌيڪ ڏکيائين، گرفتارين، آمدرفت جي بندش ۽ جاني نقصان جي صورت ۾ سامهون اچي سگهن ٿا. ڪنهن بہ واقعي جي جاچ ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائيءَ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، پر اجتماعي سزا، شهرن جو گهيراءُ ۽ عام ماڻهن جي بنيادي حقن تي پابنديون امن قائم ڪرڻ بدران نفرت ۽ تڪرار کي وڌيڪ وڌائي سگهن ٿيون. عالمي برادريءَ لاءِ ضروري آهي تہ هو فلسطينين ۽ اسرائيلين ٻنهي شهرين جي جانين جي تحفظ، انساني حقن جي احترام ۽ جنگي ڪاروائين بابت عالمي قانونن جي پابنديءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ اصولي موقف اختيار ڪري. بدقسمتيءَ سان عالمي سياست ۾ اڪثر انساني حقن جا اصول طاقتور ملڪن جي مفادن اڏو ڪمزور نظر اچن ٿا. جيڪڏهن هڪ خطي ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو وڃي ٿو تہ ساڳيو اصول ٻين علائقن ۾ بہ لاڳو ٿيڻ گهرجي؛ ٻي صورت ۾ عالمي قانون ۽ انساني حقن بابت دعوائون پنهنجي ساک وڃائي ويهنديون. موجوده عالمي صورتحال جو بنيادي سبق اهو آهي تہ فوجي طاقت ڪنهن ملڪ کي عارضي برتري تہ ڏئي سگهي ٿي، پر مستقل امن، سياسي استحڪام ۽ عوام جو اعتماد صرف انصاف، ڳالهين ۽ گڏيل ذميواريءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. آمريڪا، ايران، اسرائيل، روس ۽ يوڪرين سميت سمورن لاڳاپيل ڌرين کي سمجهڻ گهرجي تہ جنگ جي هر نئين محاذ سان انساني بحران وڌندو، عالمي معيشت تي دٻاءُ پوندو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ نفرت جا نوان بنياد پيدا ٿيندا. گڏيل قومن ۽ عالمي طاقتن کي بہ رڳو بيانن تائين محدود رهڻ بدران جنگ بندين تي عملدرآمد، انساني امداد جي پهچ، شهرين جي تحفظ ۽ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. دنيا کي اڄ وڌيڪ هٿيارن ۽ وڌيڪ ڌمڪين جي نہ، پر اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا پنهنجي طاقت جو مظاهرو جنگ ذريعي نہ، پر جنگ روڪڻ، انساني جانين کي بچائڻ ۽ انصاف تي ٻڌل امن قائم ڪرڻ سان ڪري.

# اپوزيشن ۽ وفاقي سرڪار وچ ۾ رساڪشي

## وزير علي سرڪي

مولانا ۽ مريم صاحبہ جا اخباري بيان آهن تہ: "هميشہ سگهاري گروهہ جمهوريت تي راتاها هنيا آهن." "مولانا مان ويڙهاڪ ٽولي جي پٽ پرائي ڪرڻ جي اميد نہ هئي. پي ٽي آئي کي پي کي ۾ پنهنجي حڪومت پاڻ ختم ڪئي." ٻنهي کي منهنجو نماڻو عرض آهي تہ ڪڏهن ڪنهن ڪمزور طبقي بہ جمهوريت تي ڌاڙو هنيو آهي ڇا؟ ڇئبو تہ صوبائي حڪومتي نقشي جي شڪل بدلائڻ ۾ وفاق جو ڪو قصور ڪونهي. اهو عمل پي ٽي آئي جي پنهنجي هٺ جي وڍي آهي. هنن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو ۽ بيو مولانا صاحب جي حوالي سان شروع کان اسان سڀ اميد سان رهيا آهيون. پر ڪڏهن ڪنهن جي اميدن تي پورو لٿو آهي ڇا؟ وفاقي گهرو وزير کي گذارش آهي تہ علم سياسيات هر مضمون جي ماءُ آهي. اڄوڪي فاٽا کي سياست کان ڪاٽا ڪيئن ٿو ڪري سگهجي. ان جا ضلعا هاڻي ڪي پي ڪي جا رهيا ڪٿي آهن جو ڪا پارٽي انهن جي حقن ۽ وسيلن لاءِ پريشان رهي. هاڻي اهو تہ اتان جي ماڻهن ۽ وفاق جو فرض آهي تہ ان علائقي جي عوام لاءِ ڪم ڪن. وزير وڌيڪ جيڪي ڪجهہ چيو، ان جو جواب ڪي سياسي حلقا اهو ٿا ڏين تہ صوبي جي سياسي ادارن اندر برابر سياسي اٿل پٿل (اپ سيٽ) ٿيو آهي. پر اتان جي گهٽين ۾ ماڻهن طرفان مرڪز جي عمل جي رد عمل ۾ سماجي باهہ پڙڪائي وئي آهي. دفاعي وزير چوي ٿو تہ مولانا اول اسان جو ساٿي هو، ان مهل مال ۾ اڪيون هئس ۽ هاڻي اقتدار لاءِ پٽڻا پيو پٽي. سائين! معنا تہ مولانا يا اوهان پنهنجا ساٿي متائيندا رهيا آهيو. مال کائڻ ۽ ان ۾ اڪيون وجهڻ بہ الڳ معاملا آهن. مال، دولت ۽ اقتداري ڪرسي ٻئي زمين جيان گول گردش ڪن ٿيون. انهن جي ڪا منزل ناهي هوندي، ڦري گهري وري ساڳي نقطي تان پار پئي اڳتي وڌيو وڃن. يعني انهن ٻنهي شيئن سان انسان ڍاپجي نٿو. ماڻهوءَ جو پيٽ تہ بس قبر جي مٽي ئي ڀري سگهي ٿي. اپوزيشن ۽ سرڪار وچ ۾ رساڪشي ڏسي لڳي ٿو تہ جڻ ٻنهي ڌرين لاءِ چتا پيتي جو امتحان آهي. هر ڌر ٻي کي مات ڏيڻ خاطر زور لڳائي راند ڪيڏي رهي آهي. هڪڙي ڌر ڪسيل ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ جلسا جلوس ۽ لانگ مارچ ڪري رهي آهي تہ ٻي ڌر انهن بظاهر جمهوري حربن کي ختم ڪرڻ خاطر ايمرجنسي ۽ گورنر راج جهڙا ڦهري قانوني قدم کڻي رهي آهي. اهي قدم آئيني تہ آهن پر عوامي ناهن ۽ اپوزيشن چواڻي اهي قدم بدنيتي تي ٻڌل آهن. پي ٽي آئي جي تحريڪ واقعي پهريان تہ پُر امن هئي پر پنهنجي حريف جي اڳرائي تي اها خوفناڪ بڻجي وفاق جي ڳچيءَ ۾ ٽوڙهو بڻجي رهي آهي. نہ رڳو ايترو پر هڪڙي صوبي جي بدامني جا ملڪ جي باقي ٻين علائقن تي پڻ اُگرا اثر پئجي رهيا آهن. اسان هڪ رياست جا رهواسي آهيون ۽ رياست چئن عنصرن جي مجموعي کي ٿو چئجي. معنا تہ آبادي، علائقو، حڪومت ۽ اقتدارِ اعليٰ. سياسي مفڪرن رياست کي هڪ جسم سان ڀيٽيو آهي. مٿي ۾ سور تہ سڄو بدن بي قرار. ڄنگهہ ٽٽل تہ سڄو جسم مفلوج. هاڻي ڏسو ڪي پي ڪي تي مرڪز جي قدمن جا سائيڊ افيڪٽ. آبادي مطلب عوام پريشان، علائقو خطري ۾، حڪومت کي ڏڪڻي ۽ اقتدار جي ڪرسي لوڏن ۾. بلاول صاحب آخر ڪيستائين بدامني جي خاتمي لاءِ ڪوشش ڪبي، خدا ڪري امن امان بحال ٿئي ۽ اوهان چواڻي گورنر راج جو خاتمو ٿئي. واقعي اهو غير آئيني آهي تہ صدر صاحب جي صحيءَ کان سواءِ صوبا ٿهي وڃن پر گستاخي معاف ڪي پي ڪي ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راج بہ تہ سندس دستخط سان لڳو هو. جي يو آئي ۽ ڪي سينيٽر چون ٿا تہ انهيءَ لاءِ گورنر جي رپورٽ گم آهي، صدر جي منظوري وقت ايڏي وڏي قدم جا سبب سامهون نہ آيا. دستاويز کان سواءِ پارليامينٽ کان ايمرجنسي ۽ گورنر راج منظور ڪرايا ويا. جن کي پي ٽي آئي پاران هائيڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. پنهنجو راشد محمود سومرو چوي ٿو تہ: "لڪين عالم ۽ طالبعلم مولانا صاحب جي پنيان بيٺل آهن ۽ هو آئين ۽ پارليامينٽ سان گڏ بيٺل آهي، غير جمهوري قدمن کي قبول نہ ڪندو، بند ڪمرن ۾ فيصلا ڪري پوءِ ڇو ٿو مڃرايو وڃي." تازو پي ٽي آئي جي ڪور ڪميٽي اپوزيشن ليڊر اڇڪزئي کان مايوسي جو اظهار ڪندي مٿس الزام لڳايو تہ هن حڪومت سان ڳالهيون ناڪام ڪرايون. علامہ ناصر عباس جي ڪارڪردگي تي بہ تنقيد ڪئي وئي، هاڻي ڪيرچوي پراوا تہ پراوا پر پنهنجا بہ واهہ واهہ. هڪ همراهہ شاهہ فرمان مراد سعيد کي چريو چوندي چيو تہ پارٽي کي هن يرغمال ڪيو آهي. اسان سڀ يرغمالي آهيون. ڏسو سائين! ڇئبو سچ، اوهان سمورا سياڻا سيبتا هڪ ڇَرئي هٿان ڪيئن يرغمال ٿيا وينا آهيو. توهان جو عقل بہ تہ گاهہ پيو چري ۽ ٻي ڳالهہ تہ هر پاڳل، عاشق ۽ بادشاهہ کي چريو چوندا آهن. مٿي ڦريو هو آهي تہ توهان سڀ پڻ ڏاها ناهيو. اهو بہ چيو ويو تہ مراد سعيد ۽ باني هڪ سڪي جا بہ پاسا آهن. معنا تہ مڃيو ٿا تہ انهن ٻنهي جو سڪو اڄ بہ هلي ٿو. اڇڪزئي صاحب بہ سوچڻ بنا زبان ٿو چوري تہ: "اوهان جي ايمرجنسي مارشل لا کان بدتر آهي ۽ اهو حال رهيو تہ ٻين جو وارو بہ ايندو، شايد سنڌ ۾ بہ گورنر راج لڳي پوي." هاڻي اهو تہ ايئن آهي تہ جيئن ڪنهن کي وسريل ڳالهہ ياد ڏيارجي. يعني اشارن ۾ چئجي تہ يار اهو چڱو ڪيو اٿئو پر هڪ نگاهہ هيڏانهن بہ. مطلب بهتر هو تہ ڪي پي ڪي ۾ ايمرجنسي بجاءِ مارشل لا لڳايو ها ۽ هڪ صوبي کي تہ ٻوڙيئو اٿئو، هاڻي ٻين صوبن کي بہ غوطا ڪارايو. مطلب "آ ڍڳا اسان کي ڊيري ڪر". اڇڪزئي صاحب جي سوچ سڀ کان اوچي آهي. اسان ٻڌو آهي تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي پر هو چوي ٿو تہ مذاڪرات ان نقطي تي ٿيندا تہ طاقت جو سرچشمو پارليامينٽ هوندي! هوڏانهن وري هڪ درويش صفت سياستدان جو سادو بيان پڙهو. ايمل ولي خان چوي ٿو تہ: "شڪليون بدلائڻ بدران نظريو بدلايو. عمل تہ آئيني طور ٿيو پر اهو عمل جمهوري ناهي." مان وارو ايمل الائجي ڇا ٿو چوڻ چاهي. بابا تبديلي ايندي تہ ڇهرا تہ بدلبا نہ. سهيل آفريدي کي هٽائي فيصل ڪنڊي کي بااختيار نہ بڻايو وڃي ها تہ پوءِ گورنر جي راج ياڳ جو ڇا فائدو. بيو تہ جمهوريت ۾ آئين ئي عوام جي نمائندگي ڪندو آهي. معنا تہ دستور ۽ جمهور هڪڙي جند جا بہ پُڙ آهن. ٻنهي کي جدا ڪندئو تہ آن ڪيئن پيسبوا! حڪومت کي مشورو ڏبو تہ ڳالهين خاطر مخالف ڌر لاءِ پنهنجي دفتر جا دروازا کولڻ سان گڏ دلين جا در بہ کولي ۽ درن تي بيٺل دربانن کي حڪم ڏئي ڇڏي تہ انهن کي اندر اچڻ کان نہ روڪيو وڃي، اهي دوست پارليامينٽ جا اٽوٽ انگ، اڄ جي اپوزيشن پر امڪاني طور ايندڙ حڪومت آهن. هاڻي آخري پر اهم ڳالهہ، وزيراعظم جو اخباري بيان تہ: "صوبائي حڪومتن کي اوقات ۾ رهڻ گهرجي، گورنر راج نہ لڳائي خاموش تماشائي بڻجون ها تہ ايندڙ نسل معاف نہ ڪري ها. روم سڙندي ڏسي نيرو بانسري وڄائي نہ ٿي سگهيو. پي ٽي آئي 13 سالن ۾ وڏو نقصان پهچايو، بدامني سبب صوبو پوئتي پئجي ويو." وري سنڌس پائٽي پنجاب جي وزير اعليٰ مريم صاحبہ "هڪڙي هير هزارن برابر" جو بيان تہ: "لانگ مارچ انهن جي حڪومت جي خاتمي تائين هليو. هاڻي ڪي پي ڪي جو عوام ڏسندو تہ ترقي ڇا ٿيندي آهي!" هاڻي اها حجت حق آهي تہ خلق کي ڪاٽ ۾ وجهڻ کان ماٽ سٺي هئي. ڪلهوڪي ۽ اڄوڪي نسل جيان ايندڙ نسل بہ سڀ ڪجهہ وساري ويهندو. معافي ڇا جي، روم ۽ نيرو تہ هليا ويا، اڄ ڪلهہ فرانس پيو سڙي. اسان جا نوجوان ۽ اتان جو صدر ايمونائل ميڪران اڪاردين پيا وڄائين. 13 سال تہ ڇا ڪن، پارٽين 63 سال پاڪستان کي نقصان پهچايو. انهن کي سزا ڪير ۽ ڪيئن ڏيندو. ظاهر آهي گورنر راج لڳو تہ لانگ مارچ ويو. اوهان عوام کي خوشخبري ٿا ڏيو يا ڌمڪي تہ: "توهان هاڻي ڏسندا تہ ترقي ڇا ٿيندي آهي!؟"

# پيڙ ۽ برداشت، فطري خوبي، سکيل قوت يا حالتن جو امتحان؟

## رياض احمد سومرو

پيڙ انسان جي فطرت ۾ آهي. خطري جي سامهون جسم ۽ ذهن جو خبردار ٿيڻ ڪا خامي نہ، بقا جو فطري طريقو آهي. پر برداشت جو مطلب پيڙ کان خالي هجڻ ناهي. پيڙ هوندي بہ پنهنجي فيصلي، اصول يا ساٿيءَ سان بيهي سگهجي ٿو. اها قوت ڪنهن کي فطري طور ڪجهہ وڌيڪ ملي سگهي ٿي، پر اها رڳو ڄمڻ سان مقرر نٿي ٿئي. خوف انسان ۾ فطري آهي، پوءِ سياسي قيدي، ڌاڙيل، يا عام ڏوهاري سخت پڇا ڳاڇا ۾ ڪهڙن سببن ڪري خاموش رهي ٿو، اقرار ڪري ٿو يا پنهنجن جا نالا ٻڌائي ٿو؟ تربيت، مقصد سان وابستگي، ساٿين تي اعتماد ۽ ذهني تياري ماڻهوءَ جي ڏکين حالتن سان منهن ڏيڻ جي صلاحيت وڌائي سگهن ٿا. نفسياتي تحقيق ۾ بہ برداشت کي هڪ اهڙي صلاحيت طور ڏٺو ويو آهي، جيڪا ماحول ۽ سکيا سان بدلجي سگهي ٿي. البت ان جو مطلب اهو ناهي تہ هر ماڻهوءَ کي تشدد لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو يا تشدد سهڻ کي تربيت جو سٺو نتيجو چئجي برداشت يا بهادري جو نالو ڏئي سگهجي ٿو

اسلام ۾ خوف ۽ اميد انسان جي اخلاقي تربيت جا بہ پاسا آهن. گناهہ ۽ حساب جو خوف، ۽ نيڪيءَ جي ثواب جي اميد. پروڙي اخلاقي آزمائش اها آهي تہ ماڻهو اڪيلائيءَ ۽ دٻاءَ ۾ ڪهڙي نيت سان بيهي ٿو. سزا کان بچڻ لاءِ، انعام جي آسري تي، يا پنهنجي ضمير ۽ حق جي خاطر؟ سياسي قيديءَ جي ثابت قدمي، ڌاڙيل جي ساٿيءَ لاءِ خاموشي، ۽ عام ماڻهوءَ جي سچ ڳالهائڻ کي هڪ ئي نالي سان بهادري نٿو چئي سگهجي. هر عمل جي نيت ۽ نتيجي کي بہ ڏسڻو پوندو.

اڄ کان ٽيهہ، چاليهہ سال اڳ واري سنڌ کي ياد ڪجي تہ سوال رڳو اهو ناهي تہ ڪنهن وڌيڪ مار کاڌي. سوال اهو بہ آهي تہ ماڻهن ڪهڙي مقصد يا مجبوريءَ ۾ اها مار سٺي، ۽ ڪهڙو راز بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. سياسي قيدي، هٿيار کڻي ڪچي ۾ ويل ماڻهو ۽ چوريءَ جي الزام ۾ لاڪپ ۾ پيل ماڻهو سڀ رياستي تشدد يا پڇا ڳاڇا جو شڪار رهيا آهن. پر سندن حالتون ۽ وفاداريون هڪجهڙيون نہ هيون. تاريخي رڪارڊ مان ڪنهن هڪ کي سڀني کان وڌيڪ برداشت ڪندڙ قرار ڏيڻ ممڪن ناهي. پر ڪي نالا ۽ واقعا اهڙا آهن، جن مان ان وقت جي سختيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن مان پنهنجي ئي ننڍپڻ ۽ ماضيءَ تي نظر ٿو وجهان تہ مون کي گرم ٿئي تي ويهاريل هڪ وجود ٿو ياد اچي، ڪاٺ جي پيٽين کي ويڙهيل لوهي پٽن سان ڪٽجندڙ ڪوپار ٿو ياد اچي، ڪنهن کي وڻ سان ٻڌي پاڻي هاري ماڪوڙن کان چڪرائڻ ياد ٿو اچي، ۽ ڪجهہ ظلمن ۽ جبر کان تنگ ٿي باغي بڻجي فجرويل گهروارن لاءِ هڪ خط لکي، ڌاڙيل ٿيڻ لاءِ ڪو ويڳل نوجوان ياد ٿو اچي ۽ زماني جي بندشن جو باندي بڻيل هڪ منڌل نوجوان ياد ٿو اچي.

بين الاقوامي اڳواڻن ۾ منڊيلا قيد جون عذيتون برداشت ڪري، پنهنجي مقدمي کي پنهنجو سياسي پيغام ماڻهن تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻايو. 1964 ع ۾ هن عدالت ۾ ڪيل تقرير ۾ پنهنجي جدوجهد جو مقصد بيان ڪيو. اها تقرير گڏيل قومن جي ويب سائيٽ تي محفوظ آهي.

ڀڳت سنگهہ ۽ ٻين انقلابي قيدين جيل ۾ بک هڙتال ذريعي سياسي قيدين سان سلوڪ بابت احتجاج ڪيو. اهو سندس جسماني تڪليف قبول ڪرڻ سان گڏ منظم سياسي احتجاج جو مثال آهي.

گانڌيءَ 1922 ع جي مقدمي ۾ پنهنجي موقف جو بيان ڏنو ۽ سزا قبول ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي.

مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر برمنگهم جيل مان خط لکي قيد کي عدم تشدد واري احتجاج جي دليل ۾ تبديل ڪيو.

سنڌ جي سياسي قيدين ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي جيل واري برداشت بابت رڳو سندس موت جي ڪوٺڙيءَ مان لکيل ڪتاب "جيڪڏهن مان قتل ڪيو وڃان" ۾ جيل جي حالتن، مقدمي ۽ سندس موقف بابت سندس پنهنجا لفظ شامل آهن. 1978 ع ۾ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڏانهن موڪليل سندس خط ۾ هن اڪيلائيءَ، بيماري ۽ علاج نہ ملڻ جي شڪايت ڪئي. هن لکيو تہ جيل جي حالتن خلاف هو بک هڙتالون ڪري چڪو هو. ساڳئي خط ۾ هن اسپتال منتقل ڪرڻ جي گهر ڪندي چيو تہ هو پڇڻ وارو ناهي.

سياسي قيدين جي سختين بابت وڌيڪ ڇان بين ڪبي تہ سينٽرل جيلن بابت سنڌي مضمونن ۾ وڌيڪ نالا اچن ٿا. هڪ مضمون موجب شهيد نذير عباسي، جام ساقيءَ کي جيل ۾ سختيون ڏنيون ويون. امداد چانڊيو ۽ شير محمد مگريي کي ڏهہ ڏهہ ڪوڙا هنيا ويا ۽ ٻنهي مجموعي طور ست سال جيل ڪاٽي. ساڳئي احوال ۾ ڏاڏو متارو ڏاهري، محمد سليمان ڏاهري، ڊاڪٽر غلام نبي خشڪ، ڊاڪٽر خان محمد لغاري، عنايت هيسباڻي، محمد خان سولنگي، اسرار لانگاهہ، وزير لاکو ۽ حسن راڄڙ سميت ٻين سياسي قيدين جا نالا ڏنل آهن. مضمون ٻڌائي ٿو تہ سياسي قيدي بند وارڊ، ڏنڊا ٻيڙين ۽ ڏگهين بک هڙتالن کي منهن ڏيندا هئا.

ايم آر ڊي تحريڪ دوران ڦٽڪن ۽ ڪوڙن جي پهلو کي بہ وساري نہ ٿو سگهجي. ايم آر ڊيءَ جي دور ۾ برداشت جو هڪ اهڙو باب بہ آهي، جنهن جا قيدي اڃا تائين نالن کان سواءِ تاريخ ۾ بيٺل آهن. ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽن ۽ ٻين هم عصر دستاويزن کي ڌيان ۾ آڻجي تہ ڪوڙن جي سزا ملڻ، سزا تي عمل ٿيڻ ۽ پوليس جي پڇا ڳاڇا دوران مار کائڻ تي الاهي ڳالهيون نظر مان گذرن ٿيون. جيئن جيل جي قيدي جاويد نعماني 1984 ع جي مئي مهيني واري واقعي جو احوال ڏئي ٿو. سندس چوڻ موجب، سنڌ جي جيل ۾ 15 سياسي قيدين کي فوجي عدالتن ڪوڙن جي سزا ڏني هئي. اهي پيپلز پارٽي، هاري ڪاميٽي، عوامي تحريڪ ۽ پي ايس ايف سان لاڳاپيل هئا. قيدين درخواست ڪئي تہ جيڪڏهن فوجي اختيارين رمضان ۾ ڪوڙا نہ هڻڻ جي دعويٰ ڪن ٿا تہ سزا رمضان کان اڳ ڏني وڃي. اختيارين ٽار مٽول ڪئي تہ قيدين بک هڙتال ڪئي، پوءِ 15 ڄڻن کي مجموعي طور 200 ڦٽڪا هنيا ويا. انهيءَ ڳانڍاپي جي پس منظر ۾ ڏسبو تہ ذوالفقار قادريءَ جو ڪتاب "جيل ڊائري جا ورق" ۾ قادري لکي ٿو تہ 14 آگسٽ 1981 ع تي مارشل لا خلاف سرگرمين جي الزام ۾ ڪيس ۽ توصيف ملڪ کي گرفتار ڪيو ويو. ملٽري ڪورٽ ۾ پيشيءَ وقت ساڻن گڏ پرو چانڊيو، سندس ڀاءُ علي گوهر چانڊيو، نادر جسڪاڻي ۽ سندن ٽولي جا ٻيا ماڻهو بہ پيش ٿيا. قادريءَ جي يادگيريءَ موجب، پرو چانڊيو سياسي قيدين کان پڇيو تہ ڪين ڪهڙي واردات ۾ آندو ويو آهي، سياسي ڪارڪنن جواب ڏنو تہ سندن ڏوهہ مارشل لا خلاف تقريرون ۽ سرگرميون آهن. پوءِ پرو کين چيو تہ ان کان تہ چڱو هو اسان سان جوڙ هٽو ها.

ڪچي ۽ ڪاڇي جي ڌاڙيلن بابت هڪ ٻي سنڌي لکڻيءَ ۾ مبين ڏاهري، صديق ڳهيلو، پرو چانڊيو، گوهر چانڊيو، ڪارو ڪرڪلي ۽ سرور چانڊيو جا نالا گڏ اچن ٿا. ليکڪ دعويٰ ڪري ٿو تہ اهي پوليس ۽ مقامي وڏيرن جي ظلمن کان باغي ٿي ڌاڙيل بڻيا. اها لکڻي انهن نالن ۽ مقامي روايتن جو سراغ ڏئي ٿي، پر "ظلم سبب ڌاڙيل ٿيڻ" کي هر فرد لاءِ ثابت ٿيل حقيقت چوڻ ڪجهہ ابهرائيپ ٿيندي. وڏي پسمنظر لاءِ امداد حسين سهتي جي ڌاڙيل راج جو ڏهاڪو 1984 ع کان 1995 ع تائين نالي تحقيقي ڪم جو حوالو بہ اهم آهي. اهو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل پي ايڇ ڊي ٿيسز ۽ پوءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس مان ڇپيل ڪتاب طور سڃاتپجي ٿو. اهو ڪتاب سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، ڏوهن ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڪيل قدمن جو تاريخي جائزو ڏئي ٿو. ڪامريڊ غلام رسول سهتي پنهنجي اڻ ڇپيل ڪتاب ۾ هڪ هنڌ ذڪر ڪيو آهي جڏهن هو مير ٽيڀي جي ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيڻ ڪانپوءِ، ڪچي جي ڌاڙيلن وٽ مير ٽيڀي کي ڇڏرائڻ جي لاءِ ڳالهيون ڪرڻ ويندو هو تہ هنڪي ڌاڙيلن طنزيہ طور چيو هو اڄڪلهہ جيڪي چورن مان ڌاڙيل پيا ٿين، اهي تہ اهڙا آهن جو پوليس هڪ واردات بہ برداشت نہ ٿا ڪري سگهن ۽ هنگي ٿا ويهن. انهن ۾ ڪجهہ تہ اهڙا بہ آهن، جيڪي موچڙا لڳڻ تي گهر ۾ پيل پنهنجن زالن جا ڳهہ بہ ڪٽي اچي ٿاڻي تي جمع ٿا ڪرائين تہ هي بہ اسان ڦريا هئا. مرحوم ڪامريڊ غلام رسول سهتي اهڙي قسم جي خواهش بہ لکي آهي تہ سياسي قيدين، ڌاڙيلن ۽ چورن جي مارن پچائڻ تي ڪنهن پي ايڇ ڊي ڪندڙ کي ٿيسز طور تحقيق لاءِ ڪم سونپيو وڃي. جيڪو رٽائرڊ پوليس آفيسرن، سياسي قيدين، ڌاڙيلن ۽ چورن کان ڄاڻ گڏ ڪري. آخرڪار برداشت کي نہ ڪنهن هڪ ڌر، نہ ڪنهن هڪ لقب ۽ نہ ئي رڳو جسم تي لڳل ڌڪن سان ماپي سگهجي ٿو. اصل سوال اهو آهي تہ ماڻهو پيڙ جي گهڙيءَ ۾ پنهنجي ضمير، ساٿين ۽ اصولن سان ڪيئن بيهي ٿو. تاريخ ۾ ڪيترن جا نالا لکجي ويا، ڪيترن جا اڃا اوجهل آهن. پر هر خاموشيءَ ۽ هر قربانيءَ کي بنا جاچ جي بهادري يا بزدليءَ جو نالو ڏيڻ بدران، سچائيءَ سان سمجهڻ ئي تاريخ سان انصاف آهي.

بقايا *** 01

ڪيو ويو آهي. گڏيل پڌرنامي موجب اجلاس ۾ ڇهني ملڪن جي پرڏيهي وزيرن علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ وچ اوڀر سميت خطي ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو. پڌرنامي ۾ چيو ويو تہ حوثي مليشيا جون ڪارروايون يمن ۾ انساني بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيون آهن. سعودي عرب تي حوثي مليشيا جي حملن، خاص طور شهرين ۽ شهري تنصيبات کي نشانو بڻائڻ جي مذمت ڪئي وئي. گڏيل پڌرنامي ۾ ڳاڙهي سمنڊ ۽ باب المندب ۾ واپاري جهازن تي حوثي حملن جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ويو تہ حوثي مليشيا فوري طور فوجي ڪارروايون ۽ حملا بند ڪري. پڌرنامي ۾ يمن جي حڪومت ۽ سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار پڻ ڪيو ويو. ڇهني ملڪن چيو تہ آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ تڪرار جو حل رڳو ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ ذريعي ممڪن آهي. تڪرار دوران شهرين، شهري تنصيبات ۽ جهازن کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو وڃي. پڌرنامي ۾ پاڪستان ۾ طئي ٿيل مفاهمت جي يادداشت جي حمايت پڻ ڪئي وئي. آبنائي هرمز ۾ محفوظ بحري آمدرفت ۽ جهاز رانيءَ جي آزادي انتهائي ضروري آهي. آبنائي هرمز مان محفوظ ۽ بنا رنڊڪ بحري آمدرفت فوري ۽ مڪمل طور بحال ڪئي وڃي. پڌرنامي موجب سامونڊي رستن ۾ رنڊڪون عالمي سپلاءِ چين، توانائي، پاڻ ۽ خوراڪ جي فراهميءَ کي متاثر ڪن ٿيون. تنهن ڪري قانوني بحري آمدرفت ۾ رنڊڪ وجهندڙ قدمن کي رد ڪيو وڃي. ڇهني ملڪن علائقائي معاملن تي ويجهي صلاح مشوري ۽ رابطن کي برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو. پڌرنامي ۾ چيو ويو تہ اسرائيلي قبضو خطي ۽ ان کان ٻاهر عدم استحڪام جو بنيادي سبب آهي پاڪستان، ترڪيہ، مصر ۽ سعودي عرب فلسطين ۾ ٻن رياستن واري حل تي جلد عملدرآمد جو مطالبو ڪندي فلسطيني عوام جي حق خوداراديت ۽ آزاد، خودمختيار فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو. پڌرنامي ۾ اوڀر يروشلم کي فلسطيني رياست جي گاديءَ جو هنڌ بڻائڻ جي حمايت ڪندي يروشلم جي قانوني ۽ تاريخي حيثيت تبديل ڪرڻ جون ڪوششون بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

بقايا *** 02

عملي، والدين ۽ معاشري جي مسلسل ۽ نوس ڪوشش جي گهرج ڪري ٿو. ضروري آهي تہ هر ڌر جي ڪوشش ٻين جي ڪوشش سان هم آهنگ هجي ۽ ويڪسين پيارڻ جي مهم، عوامي رابطا ۽ فرنٽ لائين ڪارڪنن جي مدد سان گڏ جاري رهن. هن اها ڳالهہ ورلڊ پوليو ڊي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 24 آڪٽوبر تي ملهايو پيو وڃي. آصف ڀٽو زرداري ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ اڄ اسان پوليو کان پاڪ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪريون جتي هر ٻار صحتمند زندگي گذاري سگهي ۽ ان تدارڪ جوڳي بيماري کان محفوظ رهي. هن چيو تہ پوليو جو خاتمو منهنجي دل جي تمام ويجهو آهي. منهنجي والده شهيد محترم بينظير ڀٽو 1994 ع ۾ پوليو جي خاتمي جي پهرين ملڪ گير مهم شروع ڪئي ۽ سڀ کان پهرين مون کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارايا. هن چيو تہ اهو لمحو پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي قومي ڪوشش جي شروعات هئي ۽ ان مقصد سان ان جي گهري ذاتي وابستگي جو هڪ اهم حصو رهيو آهي. بي بي آصف ڀٽو زرداري چيو تہ پاڪستان پوليو جي خلاف جنگ ۾ اڳيرائي ڪئي آهي جڏهن تہ اسان جو ڪم اڃا مڪمل ناهي ٿيو ويڪسين کان محروم رهجي ويندڙ هر ٻار اڃا بہ پوليو جي خطري ۾ ورتل آهي. اسان کي يقيني بڻائڻو پوندو تہ ڪو بہ ٻار محروم نہ رهي، خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي ماڻهن تائين پهچ مشڪل آهي. آصف ڀٽو زرداري چيو تہ والدين جي لاءِ ٻار کي پوليو کان بچائڻ هڪ اهڙو فيصلو آهي جيڪو ان ٻار جي مستقبل کي سنواري سگهي ٿو. آئون سمورن والدين ۽ ٻارن جي سارسنڀال ڪندڙن کي اپيل ڪريان ٿي تہ اهي پوليو ٽيمن جي آجيان ڪن ۽ هر مهم دوران پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا تجويز ڪيل ڦڙا پيارين. هن چيو تہ ٻارن کي پوليو کان محفوظ رکڻ جي لاءِ بار بار ويڪسين پيارڻ جي اهميت کان خاندانن کي آگاهہ ڪرڻ ۾ برادرين جي بزرگن، استادن ۽ مقامي اڳواڻن جو پڻ اهم ڪردار آهي. خاتون اول فرنٽ لائين پوليو ورڪرز خاص طور تي عورت ويڪسينيٽرز کي خراج تحسين پيش ڪيو جيڪي مشڪل حالتن ۾ ٻارن تائين پهچن ٿيون. هن چيو تہ انهن ڪارڪنن جو لڳاءُ احترام ۽ مدد جو مستحق آهي. ويڪسينيشن ٽيمن جي حفاظت تي مقرر سيڪيورٽي اهلڪار بہ اهم ذميواري ادا ڪري رهيا آهن. اسان جي ٻارن کي محفوظ بڻائڻ جي لاءِ ڪم ڪندڙن تي حملا اسان کي ان قومي ڪوشش کان پٺتي نہ ٿا هٽائي سگهن. بي بي آصف ڀٽو زرداري چيو تہ پوليو جو خاتمو حڪومت، طبي عملي، والدين ۽ معاشري جي مسلسل ۽ نوس ڪوشش جي گهرج ڪري ٿو ضروري آهي تہ هر ڌر جي ڪوشش ٻين جي ڪوشش سان هم آهنگ هجي ۽ ويڪسين پيارڻ جي مهم، عوامي رابطا ۽ فرنٽ لائين ڪارڪنن جي مدد سان گڏ جاري رهن. هن چيو تہ ويڪسين کان محروم رهجي ويندڙ هر ٻار اسان کي پنهنجي هدف کان وڌيڪ پري وٺي وڃي ٿو اسان کي ان وقت تائين ڪوششون جاري رکڻيون آهن جيستائين پاڪستان جو هر ٻار پوليو کان محفوظ نہ ٿو ٿي وڃي. خاتون اول چيو تہ پوليو کان پاڪ پاڪستان حاصل ڪرڻ ممڪن آهي، پر ان جي لاءِ مسلسل ڪوشش ۽ اسان مان هر هڪ جي شرڪت گهربل هوندي.

بقايا *** 03

نائڪ چيو آهي تہ آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ سمورن شهرين لاءِ هڪجهڙو انصاف پاڪستان جي جمهوري نظام جا بنيادي اصول آهن. قانون طاقتور ۽ ڪمزور ٻنهي تي هڪجهڙو لاڳو ٿيڻ گهرجي، جڏهن تہ انصاف جي فراهمي ڪنهن بہ شهري جي سماجي حيثيت، سياسي وابستگي يا مالي وسيلن کان متاثر نہ ٿيڻ گهرجي. هو گورنمينٽ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو ۾ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير، ناميارى سياستدان ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ اهم خدمتون سرانجام ڏيندڙ مرحوم پير الاهي بخش جي 51هين ورسيءَ جي موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ مرحوم پير الاهي بخش جي تعليمي، سياسي ۽ عوامي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو تہ سندس خدمتون سنڌ جي تاريخ جو قيمتي ورثو آهن. هن تعليم جي واڌاري، اعليٰ تعليمي ادارن جي قيام ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن چيو تہ پير الاهي بخش جي سنڌ لاءِ سڀ کان اهم ۽ پائيدار خدمتن ۾ تعليم جو فروغ نمايان آهي. سنڌ ۾ ابتدائي تعليم جي واڌاري، بالغن ۽ عورتن جي تعليم جي حوصلا افزائي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي قيام لاءِ سندس ڪوششون صوبائي تعليمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون. هن ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۽ ايس ايم لا ڪاليج جهڙن ادارن جي سرپرستي کي بہ سندس وسيع تعليمي سوچ جو عڪاس قرار ڏنو. سينيٽر فاروق نائڪ چيو تہ قانون جي تعليم جو مقصد صرف قانوني شقن ۽ عدالتي فيصلن جو مطالعو ڪرڻ نہ، پر اهڙا وڪيل تيار ڪرڻ پڻ آهي، جيڪي پيشاورانہ ايمانداري، آئيني اصولن ۽ انصاف جي تقاضائن تي عمل ڪن. نوجوان وڪيلن کي گهرجي تہ هو قانون کي ذاتي مفادن بدران عوامي ڀلائي ۽ شهرين جي حقن جي تحفظ لاءِ استعمال ڪن. هن چيو تہ وڪيلن تي پنهنجي موڪلن جي حقن جو دفاع ڪرڻ سان گڏ عدالتن جي احترام، پيشاورانہ اخلاقيات ۽ آئين سان وفاداريءَ جي ذميواري پڻ لاڳو ٿئي ٿي. پاڪستان کي اهڙن قانوني ماهرن جي ضرورت آهي، جيڪي شخصيتن بدران آئين جي بالادستي ۽ انصاف جي اصولن جو دفاع ڪن. سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ گورنمينٽ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو سان پنهنجي لاڳاپي جو ذڪر ڪندي چيو تہ 2012 ع ۾ وفاقي وزير قانون ۽ انصاف جي حيثيت سان کيس ڪاليج جي موجوده عمارت جو افتتاح ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيو هو هن اداري ۾ جديد ڊجيٽل سهولتن، آن لائين ليڪچرز ۽ ٻين تعليمي ادارن سان سهڪار جي قدمن کي ساراهيو هن چيو تہ سرڪاري شعبي ۾ لا ڪاليجن جو قيام قانوني تعليم کي هٿي ڏيڻ ۽ مختلف معاشي ۽ سماجي پس منظر رکندڙ شاگردن لاءِ اڳتي وڌڻ جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ اهم آهي. انهن ادارن جي ڪاميابي لاءِ معياري تدريس، قابل استادن، قانوني تحقيق، عملي تربيت، موٽ ڪورٽس ۽ پيشاورانہ اخلاقيات تي پڻ ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. هن نوجوان شاگردن تي زور ڀريو تہ هو پاڪستان جي آئين، بنيادي انساني حقن ۽ اعليٰ عدالتن جي فيصلن جو گهرو مطالعو ڪن ۽ پنهنجي علمي توڙي پيشاورانہ صلاحيتن ۾ اضافو ڪن. هن چيو تہ انصاف جي معيار جو دارومدار رڳو عدالتي نظام تي نہ، پر وڪيلن جي قابليت، ايمانداري ۽ جرئت تي پڻ آهي. سينيٽر فاروق نائڪ پير مظهر الحق، سينيئر ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ جي اڳوڻي سينيئر وزير، پاران پنهنجي ڏاڏي جي تعليمي ۽ عوامي خدمت واري ورثي کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوششن کي ساراهيو هن بيرسٽر پير مجيب الحق جي تعليمي ۽ قانوني ادارن سان وابستگي کي پڻ ساراهيو. خطاب جي پڄاڻيءَ تي هن چيو تہ تعليم، آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ سڀني لاءِ هڪجهڙو انصاف کي مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن اميد ظاهر ڪئي تہ گورنمينٽ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو مستقبل ۾ بہ قابل وڪيل، اصول پسند قانوندان ۽ ذميوار شهري تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهندو. رٽائرڊ جسٽس عبدالرسول ميمڻ خطاب ڪندي چيو تہ پير الاهي بخش ۽ سندن خاندان جو تمام گهڻيون خدمتون آهن جيڪي تعريف جي لائق آهن اڄ هي پروگرام ٻڌائي ٿو تہ پير الاهي بخش ڪيترو وڏو شخص هيو جنهن جنهن سنڌ جي رهواسين جي هر لحاظ کان لازوال خدمتون ڪيون آهن، پير الاهي بخش سنڌ جو هيرو آهي جنهن پنهنجي وزارت دوران سڄي سنڌ ۾ بهترين ادارا ڏنا ۽ سندس پوٽرن پير مظهر الحق ۽ پير مجيب الحق پڻ پير الاهي بخش جي نقش قدم تي هلندي پنهنجي تڪ ۽ سنڌ جي رهواسين جي تعليم جي حوالي سان خدمتون ڪري رهيا آهن. پيپلز پارٽي ضلع دادو جي صدر ايم پي اي پير مجيب الحق چيو تہ هي ادارو منهنجي ڏاڏي جي نالي سان منسوب آهي جنهن جو تعليم ۽ قانون جي حوالي سان وڏيون خدمتون آهن ۽ مان هن پروگرام ۾ آيل سڀني مهمانن جو شڪر گذار آهيان، ملڪ جي وڏي قانوندان محترم فاروق ايڇ نائڪ جي قانون جي حوالي سان سٺيون خدمتون آهن. ان موقعي تي اڳوڻو سينيئر وزير تعليم پير مظهر الحق، دادو ڊسٽرڪٽ سيشن جج زاهد حسين ميتلو، ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهہ ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيت پروگرام ۾ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 04

يا. سماجي رابطي جي سائٽ ايڪس تي خيبرپختونخواهہ جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ٻڌايو تہ امن امان جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي سمورن ڊپٽي ڪمشنرز کي ايم پي او آرڊيننس 1960 جي سيڪشن (1) 3 جي تحت اختيار ڏنا ويا. خيبرپختونخواهہ جي گورنر موجب ايم پي او اختيار ڏيڻ جو مقصد ضلعي سطح تي موثر اڳواٽ ڪارروائي کي يقيني بڻائڻ ۽ انتظامي دير کي گهٽ ڪرڻ آهي. ڊپٽي ڪمشنرز کي ايم پي او جي تحت گرفتاري ۽ نظربندي جا اختيار هوندا. فيصل ڪريم ڪنڊي هدايت ڪئي تہ ڊپٽي ڪمشنرز ايم پي او سيڪشن (1) 3 جي اختيارن جو استعمال سختي سان آئين ۽ قانون موجب ڪن. خيبرپختونخواهہ جي گورنر واضح ڪيو تہ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ هم آهنگي مضبوط بڻائي ويندي جڏهن تہ اختيارن جو هرگز غلط استعمال نہ ٿيڻ گهرجي. اسان جي عوام جو امن، سلامتي ۽ تحفظ منهنجي اولين ترجيح آهي. ڪي پي ڪي گورنر ڊپٽي ڪمشنرز کي ايم پي او جي تحت گرفتاري ۽ نظربندي جا اختيار ڏيڻ جي منظوري ڏني. گهرو وزارت ڊپٽي ڪمشنرز کي ايم پي او اختيار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو ياد رهي تہ خيبرپختونخواهہ ۾ گورنر راج ۽ ايمرجنسي کان پوءِ امن امان جي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مختلف قدم کنيا پيا وڃن.

### بقايا عوامي سوچ 01

ي ڳوٺ محمد خان جروار ۾ قائم گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي، جتي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل هجڻ سبب اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردياڻين جون زندگيون خطري ۾ پئجي ويون آهن، جڏهن ته والدين ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. ذريعن موجب، اسڪول جي عمارت ڪافي عرصي کان مرمت کان محروم آهي، جنهن سبب عمارت جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي ۽ مختلف وقتن تي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ جا واقعا پيش ايندا رهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ شاگردياڻين جي حفاظت ۽ تعليم بابت ڪيترائي سوال اڀري رهيا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسڪول جي مرمت لاءِ مختلف وقتن تي لاڳاپيل اعليٰ عملدارن کي آگاهه پڻ ڪيو ويو، جڏهن ته بايوميٽرڪ جي سلسلي ۾ ايندڙ عملدارن طرفان ڪيترائي ڀيرا اسڪول جون تصويرون پڻ ورتيون ويون. پر ان باوجود اڃا تائين عمارت جي مرمت لاءِ ڪي به اثرائتا قدم نظر ناهن آيا. آخر تعليم کاتي جا ذميوار عملدار ڪڏهن جاڳندا؟هڪ طرف حڪومت پاران تعليم جي بهتري ۽ تعليمي ادارن ۾ سهولتون فراهم ڪرڻ جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون، ته ٻئي طرف ڳوٺ محمد خان جروار جي نياڻين کي اهڙي زبون حال عمارت ۾ تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبور هجڻ بابت شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. جيڪڏهن بروقت قدم نه کنيا ويا ته ڪو به اڻٽوندڙ واقعو پيش اچي سگهي ٿو. ڳوٺاڻن ۽ شاگردياڻين جي والدين لاڳاپيل اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمارت جو فوري معائنو ڪرائي، هنگامي بنيادن تي مرمت جو ڪم شروع ڪيو وڃي، جيئن شاگردياڻين جون قيمتي زندگيون محفوظ بڻائي سندن تعليم کي متاثر ٿيڻ کان بچائي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 02

يشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته بينل گندي پاڻي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي. علائقي جي رهواسين موجب ننڍڙا ٻار الٽي، بخار ۽ دست جهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. ان موقعي تي دلدار عمراڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مسجد الله جو گهر آهي، پر گهڻي وقت کان مسجد پرسان پاڻي بيهڻ سبب مسجد جي بنيادن کي نقصان پهچي رهيو آهي، جنهن ڪري مسجد جي عمارت کي خطرو پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. هن وڌيڪ چيو ته قل ڪاڻ جي پاڻي جي نيڪال واري رستي تي بااثر ماڻهن مبينا طور غيرقانوني اڏاوتون ڪري نيڪال جو رستو بند ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سبب گندو پاڻي نيڪال ٿيڻ بدران علائقي ۾ بينل رهي ٿو. وارڊ نمبر 8 جي رهواسين احتجاج ڪندي ڊپٽي ڪمشنر بدين ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، نيڪال جو رستو بحال ڪرايو وڃي، بينل گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ترت قدم کنيا وڃن ۽ علائقي واسين کي صحت جي مسئلن ۽ ٻين پريشانين کان ڇوٽڪارو ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 03

ت طرفان مليل گهرجي قسط مونکي 6 مهينا گذرڻ باوجود به نٿي ڏني وڃي آئون جڏهن بدين اين ار ايس پي آفيس تي وڃان ٿو ته مونکي دڪا ۽ داٻا ڏئي آفيس مان ٻاهر ڪڍيو ڇڏين ٿا جيڪو رشوت ڏئي ٿو ان جي فورن قسط جاري ڪئي وڃي ٿي جڏهن ته آئون مستحق غريب مسڪين ماڻهو آهيان مون وٽ رشوت ڏيڻ جيتري ڳري رقم موجود ناهي منهنجا ٻچا اس ۽ ڪهاڙي ۾ ڪليل آسمان هيٺ زندگي گهاري رهيا آهن مٿان وري سيارو اچي پيو ان ڪان اڳ منهنجي قسط جاري ڪري انصاف ڪيو وڃي هن مطالبو ڪيو بدين ڊپٽي ڪمشنر ۽ اعلي اختيارين کان مامعلي جو فوري نوٽيس وٺي جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي مونکي وڌيڪ پريشان ڪان بچايو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 04

۾ ڪونائي ويٺي گڏجاڻي جي ڪاروائي سيڪريٽري ناشاد ملاح هلائي دستوري گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر نياز حسيني , شهزاد ميمڻ راجا کٽي صابر صديق چانڊيو محمد حنيف کٽي محمد اسماعيل مگسي شڪيل پارس محمد صديق ميمڻ ناشاد ملاح پنهنجون نڪر لکڻيون تنقيد لاءِ پيش ڪيون آخر ۾ وقتي صدر شاه ڪوي پنهنجو نظم پڙهي ٻڌايو

### بقايا عوامي سوچ 05

۽ نئي مچرمار اسپري ڪرايو ويو آهي جنهن سبب شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ان کان علاوه، شهر جون اسٽريٽ لائٽون پهريان ئي ناڪاره بڻيل آهن جنهن سبب رات جو اونداهي رهندي آهي پر افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته شهر جي مختلف هنڌن تي لڳل اسٽريٽ لائٽون رات جي جو اڻڄاتل ماڻهن پاران لاهي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي لڳايون ويون آهن شهر ۾ گندگي ۽ مڇرن جي وڌندڙ آزار سبب وبائي بيمارين پکڙجڻ جو خطرو وڌي ويو آهي چيلهار واسين ۽ سماجي حلقن اعليٰ اختيارين، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان سخت نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ٽائون ڪاميٽي چيلهار جي بجيٽ ۽ ڪرپشن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. شهر ۾ فوري طور تي صفائي جو نظام بهتر بڻائي مچرمار اسپري ڪرايو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 06

د ڪيا ويندا. هن ميلي جي سربراهي ايم پي اي ارباب امير امان الله ڪري رهيو آهي. سنڌ جي هن ثقافتي ميلي ۾ ثقافتي روايتن ۽ راندين سان گڏ سينئي سنڌ واسين کي ميلي ۾ شرڪت جو سڏ پڻ ڏنو ويو آهي.

### بقايا عوامي سوچ 07

الن ڪان هڪ ٽي سيٽ تي ويهارڻ بابت به سوال. وزير فشريز ۽ وڏي وزير ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو سنڌ جي فشريز کاتي ۾ ايڪسيلريٽڊ ايڪشن پروگرام (Accelerated Action Program)جي انچارج جي تبديلي واري فيصلي تي تڪرار پيدا ٿي ويو آهي. پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سينيئر وائيس چيئرپرسن، نوري ڊولپمينٽ فائونڊيشن جي صدر سيده ياسمين علي شاهه، سيڪريٽري فشريز سنڌ ڊاڪٽر ڪاظم جتوئي پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر فشريز ڊاڪٽر غلام قادر جمالي کي پروجيڪٽ جي انچارج واري عهدي تان هٽائي سندس جاءِ تي ڊپٽي سيڪريٽري عبدالباقي کي مقرر ڪرڻ واري فيصلي تي سخت اعتراض واريندي ان کي فشريز کاتي جي رولز ۽ ميرٽ جي حوالي سان جاچ جوڳو قرار ڏنو آهي. سيده ياسمين علي شاهه جو چوڻ آهي ته فشريز کاتي جي اهم منصوبي جي ذميواري بابت فيصلو ڪندي لاڳاپيل آفيسرن جي تجربي، فني صلاحيتن، کاتي جي ضابطن ۽ انتظامي ميرٽ کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. ٻئي کاتي سان لاڳاپيل آفيسر کي پروجيڪٽ جو انچارج مقرر ڪرڻ بابت پڻ وضاحت ٿيڻ گهرجي ته ان فيصلي جو قانوني ۽ انتظامي بنياد ڪهڙو آهي. هن الزام هنيو ته فشريز کاتي جي رولز موجب لاڳاپيل عهدو فشريز کاتي سان واسطو رکندڙ اهل آفيسر کي ڏنو وڃي. تنهنڪري ڊبل اي پي پروجيڪٽ جي انچارج جي تبديلي واري فيصلي جي قانوني حيثيت ۽ لاڳو سروس رولز جي روشنيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ ضروري آهي. سندس چوڻ موجب، فشريز کاتي ۾ مقررين ۽ بدلين دوران جيڪڏهن ميرٽ ۽ شفافيت بدران ذاتي پسند ۽ ناپسند کي اهميت ڏني وئي ته ان سان تجربيڪار آفيسرن جي حقن، منصوبي جي ڪارڪردگي ۽ سنڌ جي مهاڻن جي مفادن کي نقصان پهچي سگهي ٿو. سيده ياسمين علي شاهه سيڪريٽري فشريز سنڌ ڊاڪٽر ڪاظم جتوئي جي انتظامي معاملن تي به سوال اٿاريندي الزام هنيو ته گذريل ڇهن سالن کان هڪ ئي سيٽ تي آفيسر کي ويهاريو ويو آهي. جنهن بابت شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ته اهڙي انتظامي فيصلي جو بنياد ڪهڙو آهي ۽ ان عرصي دوران لاڳاپيل ضابطن تي عمل ڪيو ويو يا نه. هن مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽر غلام قادر جمالي کي پروجيڪٽ جي انچارج واري عهدي تان هٽائڻ جا سبب عوام آڏو پڌرا ڪيا وڃن. نئين انچارج جي مقرري جي اهليت ۽ قانوني حيثيت جو جائزو ورتو وڃي ۽ فشريز کاتي جي رولز جي مبينا ڀڃڪڙي بابت غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي. سيده ياسمين علي شاهه سنڌ جي وزير فشريز ۽ وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي مقررين ۽ بدلين جي قانوني حيثيت جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به قسم جي بي ضابطگي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته فشريز کاتو سنڌ جي مهاڻن جي روزگار، مڇيءَ جي پيداوار ۽ آبي وسيلن جي تحفظ سان سڌو سنئون لاڳاپيل آهي. تنهنڪري اهم عهدن تي مقررين ذاتي مفادن بدران قانون، ميرٽ ۽ عوامي مفادن کي نظر ۾ رکي ڪرڻ گهرجن. جيئن کاتي جي ڪارڪردگي بهتر بڻجي ۽ سنڌ جي مهاڻن جا مفاد محفوظ رهي سگهن.

### بقايا عوامي سوچ 08

وشن گرناڻي نبي بخش درس ڪامريڊ اسماعيل سميجو اوم شرما پرشانت شرما زين العابدين هاليپوٽو سنگهار بجير چندن سنگهه راجپوت سڪندر لنجو حاجي مهراڻپوٽو ٽيڪچند ميگهواڙ لجپت نجار ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 09

طور سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو، جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ياد رهي ته ميرپورخاص جي مختلف علائقن ۽ ڪالونين ۾ پرائيويٽ مددگار طور رکيل نوجوانن جي وقفي وقفي سان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي. شهري توڙي سڄاڻ ذرين حيسڪو انتظاميه کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪندي چيو آهي ته اهڙي طرح پرائيويٽ طور رکيل نوجوانن کي بجلي جي ڪم بابت مناسب سکيا ڏني وڃي يا جيڪڏهن انهن کي ڪم لاءِ ضروري سمجهيو وڃي ته ڊيلي ويجز ذريعي نوڪريون ڏنيون وڃن. جيئن اهي مزدوري خاطر پنهنجي زندگين کان هٿ ڌوئڻ تي مجبور نه ٿين. نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر پکڙجڻ بعد علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانئجي وئي.

### بقايا عوامي سوچ 10

ڪري ورتي. بعد ۾. ڳاڏي کي سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي ضلعي انچارج لُوت ڪمار مهيشوري ۽ سنڌس ٽيم جي حوالي ڪيو ويو، جن ڳاڏي ۽ ڇانهه جي پتي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 11

فزيشنز لنڊن جي فيلوشپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. تفصيل موجب، ميرپورخاص مان ابن سينا يونيورسٽي جي ڊپارٽمينٽ آف ميڊيسن اينڊ الائيڊ سائنسز جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان رائل ڪاليج آف فزيشنز لنڊن (برطانيه) جي باوقار فيلوشپ حاصل ڪري شهر، سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو آهي. لنڊن جي ريجنٽ پارڪ ۾ منعقد هڪ تقريب دوران رائل ڪاليج آف فزيشنز جي صدر ڊاڪٽر ممتاز پٽيل ۽ ٻين عملدارن جي موجودگي ۾ هن اعزاز سان نوازيو ويو. هن باوقار تقريب ۾ دنيا جي مشهور ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي. جن ۾ پاڪستان ۾ سنڌ، پنجاب ۽ اسلام آباد کان علاوه سعودي عرب، چين، انگلينڊ، آمريڪا، سريلنڪا، هندستان ۽ ٻين ملڪن جا ڊاڪٽر شامل هئا. پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان جي هن ڪاميابي کي محمد ميڊيڪل ڪاليج ۽ ابن سينا يونيورسٽي لاءِ هڪ اهم اعزاز سمجهيو پيو وڃي. پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان پنهنجي ڪاميابي تي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪيو. ابن سينا يونيورسٽي جي چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سيد راضي محمد پنهنجي استاد ۽ سرپرست پروفيسر ڊاڪٽر سيد ظفر عباس ۽ ڊاڪٽر صادق ميمڻ جو خاص شڪريو ادا ڪيو. هن چيو ته انهن شخصيتن جي رهنمائي، حوصلا افزائي، مدد ۽ سفارشن هن اهم سنگ ميل تائين پهچڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن پنهنجي خاندان ۽ دوستن جو به شڪريو ادا ڪيو. لنڊن جي رائل ڪاليج آف فزيشنز جي فيلوشپ طبي ميدان ۾ هڪ اهم پيشه ورانه حيثيت جو اعزاز آهي. پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان جي هي ڪاميابي نه رڳو سندس پيشه ورانه خدمتن جي سڃاڻپ آهي پر ميرپورخاص، سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ فخر جو سبب پڻ آهي. هي ڪاميابي طبي ميدان سان لاڳاپيل نوجوانن کي بين الاقوامي سطح تي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪندي

### بقايا عوامي سوچ 12

يندڙ ڳاڏين کي روڪي هٿيارن جي زور تي ڊرائيورن کي يرغمال بڻائي ڪانئن هزارين رُپيا روڪ رقم ۽ قيمتي موبائل فونون ڦُري فرار ٿي ويا. جنهن بعد ڦرجي ويل مُتاثر ڳاڏين جي ڊرائيورن پاران نتو/ حيدرآباد قومي شاهراه تي ڳاڏيون بيهاري هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو هٽي روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪندي چيو ته نتو حيدرآباد قومي شاهراه تي چِليا لَڳ 3 موٽر سائيڪلن تي سوار ڪيترن ئي ڌوهارين ايندڙ ويندڙ ڳاڏين کي هٿيارن جي زور تي روڪي هزارين رُپيا روڪ رَقم ۽ قيمتي موبائيل فونون ڦُرگري فَرار ٿي ويا. جنهن جو اطلاع حدجي پوليس کي ڏيڻ باوجود پوليس ڪا ب ڪاروائي ڪري ناهي سگهي. ڦرجي ويل ڳاڏين جي ڊرائيورن چيو ت چليا لَڳ برانچ موري وٽ هٿياربند ڌوهارين ڪين روڪي روڪ رَقم ۽ موبائيل فون ڦُرگري فرار ٿي ويا آهن مُتاثرين ايس ايس پي نتو ان گهر ڪئي ت فورن ڌوهارين خِلاف ڪاروائي ڪري ساڻن انصاف ڪَري ڪانئن ڦُر ڪيل رقم ۽ موبائل فونون ڪين واپس ڪرائي ڌوهارين خلاف سخت ڪاروائي ڪاروائي ڪري ڳاڏين وارن کي تحفظ مهيا ڪري وڌيڪ ڦرجڻ ۽ امڪاني نقصان ڪان بچايو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 13

ي ڳوٺاڻن کي پيئڻ جو صاف پاڻي، بجلي، سوئي گئس، ڊرينيج سسٽم، ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي اوليت جي بنيادن تي روزگار مهيا ڪرڻ سميت ڪمپنين جا سي ايس آر فنڊ علائقي تي خرچ نه ڪرڻ خلاف جسقم ضلعي نٽي پاران جهمپير شهر جي ٻاءِ پاس چوڪ تي 2 روز علامتي بک هڙتالي ڪئمپ جسقم اڳواڻ اسد گوپانگ، احمد سولنگي، زاهد پالاري، رشيد درس، ميرخان شورو جي اڳواڻي ۾ قائم ڪندي پهرين ڏينهن مطالبو ڪيو ويو اهي ته ڪوهستان واسين کي پيئڻ جي صاف پاڻي، روزگار سميت سموريون اهم بنيادي سهولتون مهيا ڪرائي پريشاني ڪان بچايو وڃي. هنن چيو ته هن سال ڪوهستاني پٽي ۾ برساتون نه پوڻ ڪري ڏڪاري حالتون شروع ٿيڻ ڪري ويئڻ جو پاڻي توڙي چوپائي مال جو چارو ختم ٿي ويو آهي. جنهن ڪري چوپايو مال اڄ توڙي بک وگهي مرڻ تي مجبور بڻيل آهي. جنهن ڪري ڪوهستان واسي سخت پريشان آهن. هنن گهر ڪئي ت ڪوهستان واسين کي سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪري پريشاني ڪان بچايو وڃي. ٻئي طرف جهمپير ۾ قائم ٿيل علامتي بک هڙتالي ڪئمپ تي پهرين ڏينهن جهمپير شهر جي رهواسين سميت آسپاس جي ڳوٺاڻن توڙي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ پهچي يڪجهتي جو اظهار ڪندي سمورا جائز مسئلاحل ڪرڻ جي گهر ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 14

رقم ورهايا ويا هلال احمر پاڪستان ضلعي نٽي جي چيئرمين حاجي محمد حنيف ميمڻ پاران نٽي شهر کان ڪيترائي ميل پري سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ واقع سوني لٽ پرسان ٽن ڳوٺن جي 25 ٻارڙن جي اجتماعي ختني جي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو مقصد غريب ۽ مستحق خاندانن کي اهم سماجي ۽ طبي سهولت فراهم ڪرڻ هو. تقريب دوران هلال احمر پاڪستان نٽي جي چيئرمين حاجي محمد حنيف ميمڻ ٻارڙن کي هار، اجرڪ ۽ روڪ رقم تحفي طور ڏني. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي حاجي محمد حنيف ميمڻ چيو ته سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ واقع اهي علائقا شهر کان تمام گهڻو پري آهن. جتي غربت ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ڪيترائي خاندان پنهنجن ٻارڙن جي ختني جهڙي اهم رسم به آسانيءَ سان ادا نٿا ڪري سگهن. انهيءَ احساس تحت هلال احمر پاڪستان نٽي برانچ پاران هي فلاحي قدم کنيو ويو آهي. ته جيئن مستحق خاندانن جي مدد ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته هلال احمر پاڪستان قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ متاثر ماڻهن جي مدد لاءِ فوري طور پهچي ٿو. اداري پاران متاثر خاندانن ۾ راشن، دوائون، ٽانوَ، مڇردانيون، خيما ۽ ٻيو ضروري سامان ورهايو ويندو آهي. ان کان علاوه ضلعي جي سوين معذور ماڻهن کي ويل چيئرون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. هن چيو ته هلال احمر پاڪستان جو بنيادي مقصد انسانيت جي خدمت، ضرورتمند خاندانن جي مدد ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ مستحق ماڻهن تائين ممڪن سهولتون پهچائڻ آهي. ان فلاحي سرگرميءَ ۾ هلال احمر جي ٽيم جي شاهد سمون، واحد بروهي، شريف هالو ۽ ٻين ڪارڪنن پڻ حصو ورتو

### بقايا عوامي سوچ 15

ڪيٽ، سينئر وڪيل ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر شوڪت علي راهمون سان سندس رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي ۽ ڪيس عمرو ادا ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. قانون جو شاگرد محمد ياسين پناهڻ پڻ ان موقعي تي موجود هو. غوث محمد پناهڻ چيو ته شوڪت علي راهمون هڪ قابل، تجربيڪار ۽ پيشيور وڪيل آهي جنهن پنهنجي قانوني مهارت ۽ قانوني برادري لاءِ خدمتن جي ڪري هڪ اهم مقام حاصل ڪيو آهي. هن چيو ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي وڪيل جي حيثيت سان سندس پيشه ورانه ڪاميابي ۽ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر جي حيثيت سان قانوني برادري جي نمائندگي قابل قدر آهي. غوث محمد پناهڻ دعا ڪئي ته الله تعاليٰ شوڪت علي راهمون جي حاضري، عبادت ۽ دعا قبول ڪري ۽ ڪيس ٻن مقدس مسجدن ۾ بار بار زيارت جي نعمت عطا ڪري.

### بقايا عوامي سوچ 16

س جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن جي سعادت سائين لياقت علي چانڊيو حاصل ڪئي. اجلاس جو مکيه ايجنڊا ضلعي ٽريزري آفيسر چنگيزي پاران استادن جي جائز ڪمن تي رشوت طلب ڪرڻ ۽ استادن جا ڪم نه ڪرڻ خلاف حڪمتِ عملي طئي ڪرڻ هو. اجلاس ۾ سيني عهديدارن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي سخت بيچيني جو اظهار ڪيو ۽ ٽريزري آفيسر جي اهڙن روين خلاف ڀرپور احتجاج جوڳو عزم ظاهر ڪيو. اجلاس ۾ ڪيل اهم فيصلا: سياڻي جو حڪمتِ عملي: گستا (GUSTA)، آپڪا (APCA)، گواز (GWAZ) ۽ لوئر اسٽاف جي نمائندن سان صلاح مشورو ڪري ٽريزري آفيسر خلاف ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي. 28 آڪٽوبر تي ڪلي ڪچهري واري ڏينهن ٽريزري آفيس جي سامهون سخت احتجاج ڪيو ويندو ۽ متعصب اعليٰ جي پاران رکيل ڪلي ڪچهري ۾ نتو ٽريزري آفيسر چنگيزي خلاف ڪلي ڪچهري ۾ لکت ۾ شڪايتون جمع ڪرائي وينديون. درخواستن جا موضوع: شڪايتي درخواستن ۾ وفات ڪري ويل استادن جا ڪيس، جائز ڪمن تي رشوت جي گهور ۽ ٻيا مسئلا شامل هوندا. اجلاس جي پڄاڻيءَ تي ضلعي جي سيني استادن ۽ ملازمن کي هن حق سچ جي جدوجهد ۽ احتجاج ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏني وئي. ورڪنگ ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙ اڳواڻن ۾ ضلعي صدر محمد شريف تنيو، ضلعي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالغفور ڪلمتي، تعلقي گهوڙاٻاري جو صدر لياقت علي چانڊيو، تعلقي ميرپور ساڪري جو صدر غلام حيدر ڪلمتي، تعلقي نٽي جو صدر محمد علي ٻبر، ضلعي پريس سيڪريٽري محمد علي شر، آفيس سيڪريٽري احسان ميمڻ، ضلعي ميڊيا ڪوآرڊينيٽر محمد سرور جوکيو، ساڪري جو جنرل سيڪريٽري مصطفيٰ پليجو، تعلقي ساڪري جو اڳواڻ محمد جمن جوکيو ۽ تعلقي نٽي جو اڳواڻ عرفان الله ڪوهستاني شرڪت ڪئي. ان کان علاوه، مبصر طور خاص شرڪت ڪندڙن ۾ پ ٽ الف جو اڳوٽو مرڪزي فنانس سيڪريٽري شڪور سارنگ، گستا جو ڊويزنل اڳواڻ علاؤالدين بروهي، پ ٽ الف جو مرڪزي وائيس چيئرمين طفيل احمد ميمڻ ۽ سائين سڪندر تنيو پڻ موجود هئا

### بقايا عوامي سوچ 17

لدين شاهه راشدي جي سالگرهه جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ نئون ڪوٽ جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عقيدت مندن وڏي محبت ۽ احترام سان شرڪت ڪئي تقريب ۾ فقيرعلي نواز جوڻيجو، فقير اسلم چانڊيو، فقير علي غلام جوڻيجو ۽ پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ نئون ڪوٽ جي اطلاعات سيڪريٽري فقير محمد رفيق چانڊيو سميت ٻين عقيدت مندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پير سيد صدرالدين شاهه راشدي جي سالگرهه جي خوشيءَ ۾ ڪيڪ ڪاٽي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن پير سيد صدرالدين شاهه راشدي سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي سالگرهه جي موقعي تي نيڪ خواهشن جو پيغام ڏنو.

### بقايا عوامي سوچ 18

شهرين ڪامريڊ فريد خاصخيلي ڪامريڊ محبت شنباڻي شمن گوپانگ جي اڳواڻي ۾ احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ۽ ڊرٽو هنيو ويو ڊرٽي سبب ڳمبٽ _ فقيرآباد لنڪ روڊ مڪمل بند ۽ ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي وئي آهي. جڏهن ته شهرين علائقي ۾ امن امان جي بگڙندڙ صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. مظاهرين جو چوڻ آهي ته فقيرآباد ۾ چوري ۽ لٽ مار جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. جڏهن ته فقيرآباد پوليس شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ناڪام ٿي وئي آهي فقيرآباد جي شهرين مطالبو ڪيو آهي ته فقيرآباد ۽ آسپاس جي علائقي ۾ فوري طور امن امان بحال ڪيو وڃي ۽ ڌوهارين خلاف موثر ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي. احتجاجي شهرين جو چوڻ آهي ته جيستائين علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم نه کنيا ويندا، تيستائين سندن خدشا برقرار رهندا. شهرين ايس ايس پي خيرپور ۽ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ بدامني جي خاتمي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ فقيرآباد پوليس چونڪي انچارج سپاهي نديم خواجه کي هٽايو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 19

ر عبدالسميع پنهور پروفيسر نذير احمد پنهور استاد محمد صالح پنهور آفتاب احمد پنهور عبدالصمد پنهور عبدالفتاح ڏاهري ۽ ٻين جي مان ۾ هڪ پروقار آجيان پارٽي ڏني وئي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب سنڌي اجرڪن جا تحفا پارايا ويا ۽ سنڌي ڪاڌن واري بهترين لنچ ڪرائي وئي ان موقعي تي استاد محمد پنجل لاشاري نويد لاشاري آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ خيرپور ضلعي ۾ بهترين تعليمي ڪارڪردگي تي پروفيسر عبدالسميع پنهور کي خراج تحسين پيش ڪيو

### بقايا عوامي سوچ 20

شاهه جي رهائشگاهه تي منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سکر جي ڊويزنل مانيٽرنگ ڪاميٽي جي ميمبرن، ضلعي ۽ تعلقي عهديدارن، مسلم اسٽوڊنٽس فيڊريشن (MSF) جي اڳواڻن، حر جماعت جي معززين ۽ پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪنوينشن ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سکر جي ڊويزنل مانيٽرنگ ڪاميٽي جي ميمبر سيد شفقت علي شاهه، ڪامريڊ نثار احمد ابڙو، ضلعي صدر فقير عنايت الله ٻرڙو، حر جماعت جي معزز شخصيت فقير ڪمال الدين پنهيار، جنرل سيڪريٽري مير اعجاز علي ٽالپر ۽ ايم ايس ايف سنڌ جي صوبائي نائب صدر ارباز علي عباسي خصوصي طور شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ضلعي جوائنٽ سيڪريٽري محمد حنيف مهر، پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل تعلقه روهڙي جو صدر فقير اسلام الدين ڪانڌڙو، تعلقه صالح پٽ جو صدر گل پناهه ڀنڀرو، جنرل سيڪريٽري فقير غلام نبي منگريو، سٽي صالح پٽ جو صدر سيد اسد علي شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري استاد خان محمد چنا پڻ موجود هئا. ڪنوينشن ۾ ايم ايس ايف ضلعي سکر جي صدر ضمير مهر، سينئر نائب صدر حيدر منگريو سميت پارٽي جي ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪرز ڪنوينشن ۾ پارٽي جي تنظيمي معاملن، ڪارڪنن جي ڪردار ۽ تعلقه توڙي سٽي سطح تي پارٽي کي وڌيڪ منظم ۽ فعال بڻائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اڳواڻن پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪارڪنن کي متحرڪ بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ڪنوينشن ۾ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ ۽ قيادت توڙي ڪارڪنن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو

### بقايا عوامي سوچ 21

زير سيد رياض حسين شاهه شيرازي شيرازي هائوس نٽي ۾ عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ۽ شڪايتون تفصيل سان ٻڌيون ۽ انهن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي مختلف علائقن مان آيل شهرين صوبائي وزير کي پنهنجن انفرادي ۽ اجتماعي مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ درپيش ڏکيائين جي حل لاءِ درخواستون پيش ڪيون. صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي عوام جا مسئلا غور سان ٻڌندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ شهرين پاران پيش ڪيل شڪايتن تي بروقت ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي. ان موقعي تي صوبائي وزير چيو ته عوام جي خدمت، سندن مسئلن جو حل ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. عوامي نمائندن جي بنيادي ذميواري آهي ته هو عوام سان رابطي ۾ رهن، سندن مسئلن ۽ ڏکيائين کان آگاهه ٿين ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ غيرضروري پريشانين ۽ دير کي منهن نه ڏيڻو پوي. لاڳاپيل آفيسر سرڪاري ذميوارين جي ادائگي دوران عوامي مفاد کي اوليت ڏين. شهرين جي شڪايتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺن ۽ قانون ۽ ضابطن موجب انهن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻن. صوبائي وزير لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته عوام پاران پيش ڪيل درخواستن ۽ مسئلن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ انهن جي حل لاءِ ذميواري ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو وڃي. جيئن شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ سان گڏ سرڪاري ادارن تي عوام جو اعتماد پڻ وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. سيد رياض حسين شاهه شيرازي ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو ويندو ۽ عوام کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان رابطن ۽ سهڪار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو. شيرازي هائوس نٽي ۾ عوام سان ملاقاتن دوران صوبائي وزير اهو ڳالهه تي زور ڏنو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪن ۽ شهرين جي پيش ايندڙ ڏکيائين جي خاتمي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 22

آزاديءَ لاءِ جاري تحريڪ کي وڌيڪ منظم، سگهارو ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ايس اين پي هائوس تي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو ڪيو ويو ته اڳوٽي ايڪشن ڪميٽي کي لاتعلقي ڪانپوءِ رمضان بليدي جي آزاديءَ لاءِ نئين رهائي ڪميٽي جو باضابطه اعلان 27 آڪٽوبر 2026ع تي پريس ڪانفرنس ذريعي ڪيو ويندو اجلاس ۾ مختلف قومپرست، سياسي ۽ جمهوري پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪري رمضان بليدي جي آزاديءَ واري تحريڪ کي گڏيل جدوجهد ذريعي اڳتي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو. گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ سياسي اڳواڻ نياز بليدي _ صدر، سنڌ نيشنل پارٽي ايسٽ، علي بابا پنهور _ صدر، مسلم ليگ فنڪشنل پي ايس 99. غلام عباس جتوئي _ اڳواڻ، جسقم ايسٽ مير گلاب راڄپر _ سينيئر نائب صدر ڪراچي، عوامي جمهوري پارٽي راهب علي عباسي _ صدر، عوامي راڄ تحريڪ ايسٽ اعجاز گاڏي _ جنرل سيڪريٽري، عوامي راڄ تحريڪ ايسٽ غلام نبي برفت _ اڳواڻ، پاڪستان تحريڪ انصاف جان محمد ڏاهري _ نائب صدر، عوامي تحريڪ گڏجاڻيءَ ۾ اڳواڻن رمضان بليدي جي آزاديءَ لاءِ جاري جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪرڻ، هر فورم تي آواز بلند ڪرڻ ۽ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 23

ود احمد ڏهر موجب، روهڙي پرسان لوڪو شيڊ واري علائقي 40 چوڪ ۾ ڊي ايس سکر جي حڪم تي ڪارروائي ڪئي وئي. جنهن دوران ريلوي ايس ايڇ او مظهرالدين سومرو پوليس نفري سميت موجود هو مقصود احمد ڏهر جو چوڻ هو ته خانگي ماڻهو سالن کان بنا ادائيگي جي سرڪاري ڪوارٽرن ۾ رهائش پذير آهن. جڏهن ته ڪوارٽرن جي مبينا خريد ۽ وڪري بابت به اطلاع ملي رهيا آهن. هن واضح ڪيو ته سرڪاري ملڪيت جي غيرقانوني وڪري جي اجازت ناهي. انتظاميا موجب، سرڪاري ملڪيت کي قبضي کان آجو ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 24

ردياڻين ڀرپور حصو ورتو. تقريب جو خاص مهمان قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر جناب غلام مصطفيٰ شاهه هو. جڏهن ته چيف جج محمد علي دراني، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، بورڊ آف گورنرز (BOG) جي معزز ميمبرن ۽ ٻين اهم شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي. تقريب دوران سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ تقريرن جا مقابلا منعقد ڪيا ويا، جن ۾ شرڪت ڪندڙن پنهنجي علمي قابليت، فڪري پختگي، خود اعتمادي ۽ تقرير جي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. شاگردن ۽ شاگردياڻين مختلف سماجي، علمي، اخلاقي ۽ قومي موضوعن تي اثرائتيون، مدلل ۽ فڪر انگيز تقريرون پيش ڪري حاضرن کان ڀرپور داد حاصل ڪيو. انهن مقابلن جو مقصد نوجوانن ۾ اظهار جي صلاحيت، ٻولين سان محبت، ادبي ذوق ۽ خود اعتماديءَ کي هٿي ڏيڻ هو. هن علمي مقابلي ۾ اوڪاڙا، مري، جهنگ، لاڙڪاڻو، سانگهڙ، خيرپور، ڪرمپور ۽ پيٽارو سميت ملڪ جي مختلف ناميارن ڪيڊٽ ڪاليجن، جڏهن ته گرلز ڊگري ڪاليج نوابشاهه جي شاگردياڻين پڻ شرڪت ڪئي. مختلف تعليمي ادارن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي گڏيل شرڪت تقريب کي علمي هم آهنگي، قومي يڪجهتي ۽ صحتمند مقابلي جو خوبصورت مثال بڻائي ڇڏيو. تقريب جو هڪ اهم ۽ دلچسپ حصو سائنس نمائش هئي، جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي تخليقي سوچ، سائنسي شعور، تحقيق ۽ فني صلاحيتن تي ٻڌل مختلف ماڊل ۽ منصوبا پيش ڪيا. نمائش ۾ پيش ڪيل منصوبن نوجوانن جي جدت پسندي، مسئلن جا نوان حل ڳولڻ جي صلاحيت ۽ جديد سائنس سان دلچسپيءَ کي اجاگر ڪيو. شاگردن پنهنجي علم کي عملي صورت ۾ پيش ڪندي ثابت ڪيو ته مناسب رهنمائي ۽ موقعا ملڻ سان نوجوان تخليقي ۽ سائنسي ميدان ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ٿا. سائنس نمائش جو مقصد شاگردن ۾ تحقيق، تجربن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي سوچ کي هٿي ڏيڻ هو. ان موقعي تي خاص مهمان قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر جناب غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي خطاب ۾ نوجوانن جي صلاحيتن، محنت، ذهانت ۽ روشن مستقبل لاءِ سندن عزم کي ساراهيو. هن چيو ته نوجوان ملڪ جو قيمتي سرمايو آهن ۽ انهن جي علمي، فڪري ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اهڙيون سرگرميون انتهائي اهم آهن. هن نوجوانن کي تعليم، تحقيق، جدت ۽ مثبت سرگرمين ذريعي ملڪ جي ترقيءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏني. هن اهڙن مقابلن کي شاگردن جي شخصيت سازي، خود اعتماديءَ جي واڌاري ۽ قيادت جون صلاحيتون پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ اهم ذريعو قرار ڏنو تقريب ۾ موجود چيف جج محمد علي دراني، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، بورڊ آف گورنرز جي ميمبرن ۽ ٻين معزز مهمانن جي شرڪت پڻ تقريب جي اهميت کي وڌايو. اهڙي قسم جون سرگرميون تعليمي ادارن ۾ علمي معيار کي بهتر بڻائڻ، شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ نوجوان نسل کي مستقبل جي چئلينجن لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. مقابلن جي پڄاڻيءَ تي مختلف ڪيٽيگريز ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پوزيشنون حاصل ڪرڻ تي شيلڊون پيش ڪيون ويون. ڪامياب اميدوارن جي حوصلا افزائي ڪئي وئي. جڏهن ته ٻين شرڪت ڪندڙن جي محنت، قابليت ۽ جذبي کي پڻ ساراهيو ويو. بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلز ۾ منعقد ٿيل هيءَ تقريب ٻولين، ادب، سائنس ۽ تخليقي سوچ جي واڌاري لاءِ هڪ اهم قدم ثابت ٿي. تقريب نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار، علمي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ ۽ ملڪ جي روشن مستقبل جي تعمير لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ جو پيغام ڏنو اهڙيون سرگرميون نه رڳو شاگردن جي علمي ۽ فني صلاحيتن کي نروار ڪن ٿيون، پر انهن ۾ اعتماد، ذميواري، مثبت سوچ ۽ قومي خدمت جو جذبو پڻ پيدا ڪن ٿيون

### بقايا عوامي سوچ 25

ل. فصلن جي بهتر سار سنڀال ۽ فصلن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ بابت هڪ آگاهي پروگرام ڳهارو جي نجي هال ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ زرعي ماهرن، آبادگارن ۽ هارين شرڪت ڪئي. پروگرام جي اڳواڻي نيا سويرا سيڊ پون ڪمار ڪئي. جڏهن ته پروگرام ۾ زرعي ماهر ۽ ريجنل مئنيجر انور شاهه جيلاني، ڊاڪٽر پرڪاش ڪمار، ڊاڪٽر ظفرالله خان جتوئي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي زرعي ماهرن آبادگارن ۽ هارين کي مختلف فصلن جي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ، فصلن جي مناسب سار سنڀال، زرعي بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن کان بچاءَ بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ماهرن پاران فصلن تي ٿيندڙ مختلف بيمارين، جيتن جي حملن ۽ زرعي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ جديد زرعي طريقن ۽ مناسب اپائن بابت پڻ آگاهي فراهم ڪئي وئي. پروگرام دوران ماهرن آبادگارن ۽ هارين کي جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي بنيادن تي زراعت ڪرڻ جي اهميت کان آگاهه ڪندي چيو ته فصلن جي وقتائتي سار سنڀال، بيمارين جي بروقت سڃاڻپ ۽ مناسب زرعي رهنمائي ذريعي بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ان موقعي تي آبادگارن ۽ هارين کي درپيش مسئلن بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جڏهن ته زرعي ماهرن پاران سندن سوالن جا جواب ڏيندي فصلن جي بهتر پيداوار ۽ زرعي مسئلن جي حل لاءِ ضروري رهنمائي فراهم ڪئي وئي. سجينٽا ڪمپني پاران منعقد ڪيل اهڙي پروگرام جو مقصد آبادگارن ۽ هارين کي جديد زرعي ڄاڻ فراهم ڪرڻ، فصلن جي پيداوار ۾ بهتري آڻڻ ۽ زرعي شعبي کي وڌيڪ ترقي وٺرائڻ لاءِ آگاهي فراهم ڪرڻ هو

### بقايا عوامي سوچ 26

اري جوابدار محمد اشرف جتوئي کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار محمد اشرف جتوئي ٿاڻو روهڙي تي داخل ڪيس نمبر 163/2026، قلم 302، 337_H(ii)، 506/2، 148، 149 ۽ 504 ۾ گهربل هو پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي جڏهن ته ڪيس بابت وڌيڪ تفصيل جاچ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سامهون اچڻ جا امڪان آهن

### بقايا عوامي سوچ 27

ڙ شخص کي بچائي ورتو تفصيل موجب خيرپور جي علائقي نري ميرواهه جي رهواسي معشوق علي خاصخيلي پاران لفت بئراج جي ڇهين نمبر پڪٽ شرف آباد وٽ سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو جنهن دوران روهڙي ٿاڻي جي پوليس بيٽرين جي مدد سان پاڻيءَ ۾ ٻڏندڙ شخص کي ٻاهر ڪڍي ورتو ويو پوليس موجب معشوق علي خاصخيلي خودڪشي جي ارادي سان درياءَ ۾ ٽپو ڏنو هو اطلاع ملندي ئي روهڙي ٿاڻي جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ بيٽرين جي مدد سان فوري طور ريسڪيو آپريشن شروع ڪيو ۽ ڪيس بحفاظت ٻاهر ڪڍي ڪناري تي پهچايو معشوق علي خاصخيلي پوليس کي ٻڌايو ته هو گهريلو جهيڙن ڪان پريشان ٿي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو

### بقايا عوامي سوچ 28

ن ٿي ويا آهن. شهرين جو چوڻ آهي ته 24 ڪلاڪن دوران هڪ ڪلاڪ لاءِ به گئس نٿي اچي. جنهن سبب گهرن ۾ رڌپچاءِ ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي گهريلو گئس جي بندش سبب شهري مجبور ٿي ايل پي جي LPG گئس سلينڈرن ۾ ڀرائي استعمال ڪري رهيا آهن. پرهاڻي ايل پي جي ر LPG گئس جي قيمت به 550 رپيا في ڪلو تائين پهچڻ سبب غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن لاءِ به ويلاماني پڄائڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي شهرين سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ڊپٽي ڪمشنر جامشورو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ کان مطالبو ڪيو آهي ته گهريلو گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ جو نوٽيس وٺي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي. جڏهن ته ايل پي جي گئس جي قيمتن جي به جاچ ڪرائي وڃي ۽ مقرر ڪيل سرڪاري اگهن تي عمل يقيني بڻايو وڃي. جيئن عوام کي وڌيڪ مالي پريشانين کان بچائي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 29

قد ڪيو ويو، جنهن ۾ نامياري زميندار خادم حسين ٻهراڻي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي پروگرام اين جي اين آفيسر محمد وقاص ۽ سيلز آفيسر حافظ محمد الياس جي سرپرستيءَ ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طيب علي آرائين، فيلڊ اسسٽنٽ محمد اڪرم سميت پرياسي جي علائقن سان تعلق رکندڙ آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي فوجي فرٽيلائزر جي ريجنل هيڊ ظاهر نعيم آبادگارن کي موسمياتي تبديلين جا زراعت تي پوندڙ اثر، ڪڻڪ جي بهتر پيداوار لاءِ پاڻي جي متوازن استعمال ۽ جديد زرعي طريقن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني هن آبادگارن کي نئين متعارف ڪرايل ليمس ڪوٽيڊ يوريا، اين پي ايس ڀاڻ ۽ اسپري لاءِ يارا ويٽا جي مختلف شين بابت بريفنگ پڻ ڏني ۽ انهن جي اثرائتي استعمال بابت اهم معلومات فراهم ڪئي پروگرام دوران سوالن ۽ جوابن جي نشست پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صحيح جواب ڏيندڙ آبادگارن کي انعام ڏنا ويا. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي ڊاڪٽر خالد مختلف ڀاڻن جي خاصيتن، افاديت ۽ زرعي پيداوار ۾ واڌ لاءِ انهن جي مناسب استعمال بابت تفصيلي آگاهي ڏني هن آگاهي پروگرام جو مقصد آبادگارن کي جديد زرعي ٽيڪنالاجي، معياري ڀاڻن ۽ بهتر زرعي طريقن کان روشناس ڪرائڻ هو. ته جيئن ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌ سان گڏ آبادگارن جي آمدني ۽ منافعي کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 30

اي مخدوم جميل الزمان ٿرپارڪر جي ٻن ڏينهن واري دوري دوران ننگرپارڪر پهچي ويو، جتي سروري جماعت جي مريدن، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ مقامي اڳواڻن پاران سندس ڀرپور آجيان ڪئي وئي ۽ کيس هار ۽ لونگيون پارايون ويون. دوري دوران مخدوم جميل الزمان سروري جماعت جي ماڻهن، خليفن ۽ مقامي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري سندن حال احوال معلوم ڪيا. ان موقعي تي هو ڳوٺ ڪٻڙي ڪوسا پهتو، جتي پيپلز پارٽي جي اڳواڻ رئيس غني خان ڪوسو سان سندس وڏي ڀاءُ رئيس عبدالرحيم ڪوسو جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ سوڳوار خاندان سان ڏک ونڊيو. مخدوم جميل الزمان ننگرپارڪر ۾ ايم پي اي قاسم سراج سومرو جي بنگلي تي پڻ پهچي دعا گهري. جڏهن ته پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ڪريم ڏنو دل پاران ڏنل دعوت ۾ به شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي مخدوم جميل الزمان چيو ته سندس ننگرپارڪر جو هي ذاتي دورو آهي. هن چيو ته ايندڙ اليڪشن ۾ ننگرپارڪر مان عوام جي راءِ ۽ سندس حمايت سان اميدوار ميدان ۾ لاٿو ويندو. جڏهن ته اميدوار کي پارٽي ٽڪيٽ ڏيارڻ سندس ذميواري هوندي. ننگرپارڪر ۾ ترقياتي ڪمن جي صورتحال تي ڳالهائيندي مخدوم جميل الزمان چيو ته تعلقي ۾ ترقياتي ڪم انتهائي گهٽ ٿيا آهن ۽ ڪيس علائقي ۾ گهربل ترقياتي ڪم نظر نه آيا آهن هن چيو ته ننگرپارڪر تعلقي جا سمورا روڊ رستا ٽٽل، خراب ۽ تباهيءَ جو شڪار آهن. جنهن سبب علائقي واسين کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن وڌيڪ چيو ته ننگرپارڪر جي روڊن ۽ رستن جي خراب صورتحال بابت پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير وٽ خاص طور تي شڪايت ڪئي ويندي. جيئن علائقي جي بنيادي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ۽ ترقياتي ڪمن کي اڳتي وڌايو وڃي. ان موقعي تي ايم پي اي ننگرپارڪر قاسم سراج سومرو، ٽائون ڪميٽي ننگرپارڪر جو اڳوٽو چيئرمين سردار خان ڪوسو، نوازعلي سومرو، ڪريم ڏنو دل، ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ ڪوسو، پيپلز پارٽي تعلقي مٺي جو صدر سراج سومرو، سروري جماعت جا اڳواڻ، مريد، پيپلز پارٽي جا ڪارڪن ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو پڻ ساڻس گڏ موجود هئا.

### بقايا عوامي سوچ 31

شهيد بينظير ڪمپليڪس مٺي ۾ پوليس آفيسرن ۽ جوانن لاءِ منشيات، گٽڪي، مين پڙي، سفيني ۽ ٻين صحت لاءِ هاڃيڪار شين جي استعمال جي نقصانن بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو، جنهن دوران پوليس اهلڪارن جي طبي اسڪريننگ پڻ ڪئي وئي. آگاهي سيشن دوران ڊاڪٽر ارسلان پوليس آفيسرن پڙي، سفيني ۽ ٻين نقصانڪار شين ۽ جوانن کي منشيات، گٽڪي، مين پڙي، سفيني ۽ ٻين نقصانڪار شين جي استعمال سبب انساني صحت تي پوندڙ خراب اثرن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. هن شرڪت ڪندڙن تي زور ڀريو ته هو پنهنجي صحت جي حفاظت لاءِ اهڙين هاڃيڪار شين جي استعمال کان پاسو ڪن ۽ صحتمند طرز زندگي اختيار ڪن. سيشن ڪانپوءِ پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي طبي اسڪريننگ ڪئي وئي. جنهن جو مقصد سندن صحت بابت ضروري ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ صحت جي حفاظت بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو. ان موقعي تي ٿرپارڪر پوليس پاران ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي صحت ۽ تندرستي کي يقيني بڻائڻ، منشيات ۽ ٻين هاڃيڪار شين جي استعمال خلاف آگاهي پيدا ڪرڻ ۽ صحتمند معاشري جي قيام لاءِ اهڙيون سرگرميون جاري رکيون وينديون.

### بقايا عوامي سوچ 32

ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو هئو. جنهن بعد جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا زخمي پورهيت کي ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن مان نوابشاهه ريفر ڪيو ويو هئو وارثن موجب واقعي جو ڪيس پڊعيدن ٿاڻي تي ڇهن جوابدارن خلاف داخل ڪرايو ويو آهي. جن ۾ منار ميمڻ، الطاف ميمڻ، ذوالفقار ميمڻ، دلبر ميمڻ ۽ ٻه نامعلوم جوابدار شامل آهن. احتجاج ڪندڙن الزام هنيو ته واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ باوجود پوليس اڃا تائين ڪنهن به جوابدار کي گرفتار نه ڪيو آهي. جڏهن ته جوابدار ڌر پاران ڪين مُبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. وارثن ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي نوشهروفيروز ، ايس ايڇ او پڊعيدن کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ نامزد جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

### بقايا عوامي سوچ 33

ت دوران معزز واپارين چيو ته چيمبر آف ڪامرس لاءِ نظير احمد چانڊيو جون وڏيون خدمتون ۽ قربانيون آهن. هنن الزام هنيو ته ڪجهه دوستن پاران مبينا طور غير آئيني تنظيم قائم ڪري پاڻ کي دڪاندارن جا نمائندا ظاهر ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. واپارين اهڙي طريقي سان بند ڪمري ۾ چونڊيل باڊي کي رد ڪندي مطالبو ڪيو ته دڪاندارن کي پنهنجي مرضي ۽ آزاد راءِ سان پنهنجو اڳواڻ چونڊڻ جو حق ڏنو وڃي. واپارين چيمبر آف ڪامرس سان ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جو وچن ورجايو ۽ چيو ته دڪاندارن جي حقيقي نمائندگي لاءِ ضروري آهي ته سمورا فيصلا واپاري برادري جي اعتماد ۽ مشاورت سان ڪيا وڃن. ان موقعي تي چيمبر آف ڪامرس جي صدر نظير احمد چانڊيو واپارين جا ٿورا مڃيندي چيو ته ننڍا توڙي وڏا دڪاندار ۽ واپاري سندس ساٿ ۾ آهن. هن اعلان ڪيو ته تمام جلد سمورن دڪاندارن جي گڏجاڻي گهرائي ويندي. جنهن ۾ گڏيل صلاح مشوري ۽ واپارين جي راءِ سان نئين ۽ مضبوط باڊي جوڙي ويندي. ملاقات ۾ واپاري برادري جي اتحاد، دڪاندارن جي نمائندگي ۽ چيمبر آف ڪامرس جي مستقبل جي تنظيم سازي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

## تعليم کاتي جون دعوائون واڻڪيون، بدين جي ڳوٺ محمد خان جروار ۾ گرلز مڊل اسڪول زبون حالي جو شڪار

ماتلي، يوسي ٻڍو قمبراڻي جي ڳوٺ محمد خان جروار ۾ قائم گورنمينٽ گرلز لوئر سيڪنڊري اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار بڻيل

جتي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل هجڻ سبب اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ شاگرديائين جون زندگيون خطري ۾ پئجي ويون آهن

والدين ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي، ذريعن موجب، اسڪول جي عمارت ڪافي عرصي کان مرمت کان محروم آهي

بدين ( رجب راهمون )تعليم کاتي جون دعوائون واڻڪيون، بدين جي ڳوٺ محمد خان جروار ۾ گرلز مڊل اسڪول زبون حالي جو شڪار، شاگرديائين جون زندگيون خطري ۾، تعليم متاثر ٿيڻ جو خدشو ضلعي بدين جي تعلقي ماتلي، يوسي ٻڍو قمبراڻي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1



## وارڊ نمبر 8 جي قل ڪاڻ ۾ برسات جو گندو پاڻي بيهڻ سبب مڇرن جو آزار، معصوم ٻار الٽي ۽ دست جي بيمارين ۾ مبتلا

بدين: وارڊ نمبر 8 جي علائقي قل ڪاڻ ۾ برسات جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

بيٺل گندي پاڻي سبب مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي، علائقي جي رهواسين موجب ننڍڙا ٻار الٽي، بخار ۽ دست جهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن

مسجد الله جو گهر آهي، پر گهڻي وقت کان مسجد پرسان پاڻي بيهڻ سبب مسجد جي بنيادن کي نقصان پهچي رهيو آهي

بدين ( رجب راهمون ) وارڊ نمبر 8 جي قل ڪاڻ ۾ برسات جو گندو پاڻي بيهڻ سبب مڇرن جو آزار، معصوم ٻار الٽي ۽ دست جي بيمارين ۾ مبتلا بدين: وارڊ نمبر 8 جي علائقي قل ڪاڻ ۾ برسات جو گندو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب رهواسي سخت پر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

## بدين ۾ وارڊ نمبر 6 جو رهواسي ذوالفقار ملاح ميڊيا اڳيان احتجاج

حڪومت طرفان مليل گهر جي قسط مونکي 6 مهينا گذرڻ باوجود به نه ٿي ڏني وڃي

آئون جڏهن بدين اين آر ايس پي آفيس تي وڃان ٿو ته مونکي ڌڪا ۽ داٻا ڏئي آفيس مان ٻاهر ڪڍيو ڇڏين ٿا

بدين( رجب راهمون ) وارڊ نمبر 6 جو رهواسي ذوالفقار ملاح ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو بدين اين آر ايس پي آفيس وارن سراسر ناجزي ڪري حڪوم /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي شاعرن اديبن پاران تخليقون پيش ڪيون ويون

سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي نوجوان شاعر شاه ڪوي جي صدارت ۾ ڪوٺائي ويئي

گڏجاڻي جي ڪاروائي سيڪريٽري ناشاد ملاح هلائي دستوري گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر نياز حسيني، شهزاد ميمڻ راجا ڪتي صابر صديق چانڊيو شريڪ

محمد صديق ميمڻ ناشاد ملاح پنهنجون نثر لکڻيون تنقيد لاءِ پيش ڪيون آخر ۾ وقتي صدر شاه ڪوي پنهنجو نظم پڙهي ٻڌايو

چوهڙ جمالي(رپورٽ شاهد حسيني)سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي شاعرن اديبن پاران تخليقون پيش ڪيون ويون سنڌي ادبي سنگت شاخ چوهڙ جمالي جي دستوري گڏجاڻي نوجوان شاعر شاه ڪوي جي صدارت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## ٽائون ڪاميٽي چيلهار جي لاپرواهي لکين روپين جي بجيٽ باوجود شهر گندگي اونداهي ۽ مڇرن جي آزار هيٺ

شهر ۾ نه صفائيءَ جو ڪو به مناسب نظام موجود آهي ۽ نه ئي مڇر مار اسپري ڪرايو ويو آهي

جنهن سبب شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ان کان علاوه، شهر جون اسٽريٽ لائٽون پهريان ئي ناڪاره بڻيل آهن

شهر جي مختلف هنڌن تي لڳل اسٽريٽ لائٽون رات جي جو اڻڄاتل ماڻهن پاران لاهي ڪرڪيٽ گرائونڊ تي لڳايون ويون آهن

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو)چيلهار ٽائون ڪاميٽي چيلهار جي لکين روپين جي بجيٽ هئڻ جي باوجود شهر مڪمل طور بدانتظامي ۽ انتظاميه جي لاپرواهي جو شڪار بڻجي ويو آهي شهر ۾ نه صفائيءَ جو ڪو به مناسب نظام موجود آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

## پهرين ڊسمبر کان 10 ڊسمبر تائين سنڌ ثقافتي ميلو نئون ڪوٽ لڳ ونگو موڙ AZ تي لڳايو ويندو

سنڌ ثقافتي ميلو پهرين ڊسمبر کان 10 ڊسمبر تائين نئون ڪوٽ لڳ ونگو موڙ تي لڳايو ويندو

جنهن ۾ اٺن جي ڊوڙ، گهوڙن جي ڊوڙ، ڏڳن جي ڊوڙ، ملھ ملاکڙو ۽ مال پڙي سميت ڪيترائي رنگارنگي پروگرام منعقد ڪيا ويندا

سنڌ جي هن ثقافتي ميلي ۾ ثقافتي روايتن ۽ راندين سان گڏ سڀني سنڌ واسين کي ميلي ۾ شرڪت جو سڏ پڻ ڏنو ويو آهي

مٺي ( ڊ.ر محمد رحيم مگريو) سنڌ ثقافتي ميلو پهرين ڊسمبر کان 10 ڊسمبر تائين نئون ڪوٽ لڳ ونگو موڙ تي لڳايو ويندو، جنهن ۾ اٺن جي ڊوڙ، گهوڙن جي ڊوڙ، ڏڳن جي ڊوڙ، ملھ ملاکڙو ۽ مال پڙي سميت ڪيترائي رنگارنگي پروگرام منعق/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## ايڪسيليريٽيڊ ايڪشن پروگرام واري پروجيڪٽ جو انچارج تبديل ڪرڻ تي اعتراض، فشريز رولز جي ڀڃڪڙي جو الزام

سيڪريٽري فشريز تي گڏريل چئن سالن کان هڪ ئي سيٽ تي ويهارڻ بابت به سوال، وزير فشريز ۽ وڏي وزير کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سنڌ جي فشريز کاتي ۾ ايڪسيليريٽيڊ ايڪشن پروگرام (Accelerated Action Program) جي انچارج جي تبديلي واري فيصلي تي تڪرار پيدا ٿي ويو آهي

عبدالباقي کي مقرر ڪرڻ واري فيصلي تي سخت اعتراض واريندي ان کي فشريز کاتي جي رولز ۽ ميرٽ جي حوالي سان جاچ جوڳو قرار ڏنو آهي

ٺٽو(رپورٽ واحد شورو) سنڌ جي فشريز کاتي ۾ سنڌ حڪومت جي تعاون سان ايڪسيليريٽيڊ ايڪشن پروگرام واري پروجيڪٽ جو انچارج تبديل ڪرڻ تي اعتراض، فشريز رولز جي ڀڃڪڙي جو الزام، سيڪريٽري فشريز تي گڏريل چئن س/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7



NOTIFICATION

NO:SO(G)/L&F/3(240)/2019: Dr. Ghulam Qadir Jamali, Deputy Director Fisheries (BPS-18) Thatta is hereby assigned the charge of the post of Deputy Program Coordinator (Admn), Accelerated Action Plan (AAP) for Reduction of Stunting & Malnutrition in Sindh (Fisheries Sector) in addition to his own duties with immediate effect till further orders.

DR. KAZIM HUSSAIN JATOI
SECRETARY TO GOVT. OF SINDH

NO: SO(G) / L&F / 3(240) / 2019: Karachi, Dated: 22nd October, 2026

A copy is forwarded for information to :

1. The Accountant General Sindh, Karachi.
2. The Director General Fisheries (Inland), Hyderabad.
3. The Program Coordinator (Admn), Accelerated Action Plan (AAP) for Reduction of Stunting & Malnutrition in Sindh (Fisheries Sector
4. PS to Minister Livestock & Fisheries Sindh, Karachi.
5. PS to Secretary, Livestock & Fisheries Department.
6. Officer concerned
7. Master File.

(SHAKEEL AHMED MANGI)
SECTION OFFICER (BUDGET)

NOTIFICATION

NO:SO(G)/L&F/3(240)/2019: Mr. Abdul Baqi, Deputy Secretary (BS-18) Livestock and Fisheries Department is hereby assigned the charge of the post of Program Coordinator, Accelerated Action Plan (AAP) for Reduction of Stunting & Malnutrition in Sindh (Fisheries Sector) in addition to his own duties with immediate effect till further orders relieving Dr. Ghulam Qadir Jamali from Additional charge.

DR. KAZIM HUSSAIN JATOI
SECRETARY TO GOVT. OF SINDH

NO: SO(G) / L&F / 3(240) / 2019: Karachi, Dated: 22nd October, 2026

A copy is forwarded for information to :

1. The Chairman, Planning & Development Board, Government of Sindh, Karachi.
2. The Program Coordinator, (AAP) Task Force Secretariat, Planning & Development Department, Government of Sindh, Karachi.
3. The Chief (LS&F), P&D Department, Government of Sindh, Karachi.
4. The Director General Fisheries (Inland), Hyderabad.
5. PS to Minister Livestock & Fisheries Sindh, Karachi.
6. PS to Secretary, Livestock & Fisheries Department.
7. Master File.

(SHAKEEL AHMED MANGI)
SECTION OFFICER (BUDGET)

## ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي برٿ ڊي سالگره جو پروگرام رکيو ويو

مٺي (ڊ ر محمد رحيم مگريو)اسلام ڪوٽ ۾ وريام لنجو جي طرفان سنڌس آفيس تي ڊويزنل صدر ميرپورخاص ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي برٿ ڊي سالگره جو پروگرام رکيو ويو ۽ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو هن موقعي تي لو ڪمار ملاڻي سراج سومرو ديپڪ چمن ڪمل ڪمار چيئرمين اسلام ڪوٽ سيد پورل شاه اڪبر ٻاراچ ر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

## واپڊا لائين مين سان گڏ بجلي جو ڪم ڪندڙ پرائيويٽ طور رکيل 15 مددگار مبينا طور ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

العمران ٽائون ۾ بجلي جي ڪنيي تي ڪم ڪندڙ پرائيويٽ لائن مين عمران نالي نوجوان ڪم دوران اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو

جنهن کي علائقي واسين فوري طور سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو، جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي

ميرپورخاص ( بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي علائقي العمران ٽائون ۾ واپڊا لائين مين سان گڏ بجلي جو ڪم ڪندڙ پرائيويٽ طور رکيل 15 مددگار مبينا طور ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو. تفصيل موجب العمران ٽائون ۾ بجلي جي ڪنيي تي ڪم ڪندڙ پرائيويٽ لائن مين عمران نالي نوجوان ڪم دوران اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي علائقي واسين فوري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## ميرپورخاص پوليس جي هڪ شڪي گاڏي مان مبينا طور تي غير معياري چانهه جي پتي هٿ ڪري ورتي

ان اندر مبينا طور تي غير معياري چانهه جي پتي هٿ ڪري ورتي

گاڏي کي سنڌ فوڊ ڪنٽرول اٿارٽي جي ضلعي انچارج لُوت ڪمار مهيشوري ۽ سندس ٽيم جي حوالي ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) پوليس ميرپورخاص پراڻي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ عمرڪوٽ بائي پاس جي چوپائي مال جي منڊي جي ويجهو هڪ شڪي هاءِ روف گاڏي کي روڪيو ۽ ان اندر مبينا طور تي غير معياري چانهه جي پتي هٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

محترم مهمانن جي گڏيل تصوير

## صالح پٽ ۾ پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو شاندار ورڪرز ڪنوينشن

ضلعي ۽ تعلقي قيادت سميت ڪارڪنن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ ۽ قيادت توڙي ڪارڪنن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو اظهار پڻ ڪيو

صالح پٽ (رپورٽ:غلام نبي ميرجت)پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل تعلقه صالح پٽ پاران شاندار ورڪرز ڪنوينشن ضلعي نائب صدر سيد جيئل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## استاد محمد صالح پنهيرو آفتاب احمد پنهيرو عبدالصمد پنهيرو عبدالفتاح ڏاهري ۽ ٻين جي مان ۾ هڪ پروقار آجيان

پارٽي ڏني وئي آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب سنڌي اجرڪن جا تحفا پارايا ويا

سنڌي کاڌن واري بهترين لنچ ڪرائي وئي ان موقعي تي استاد محمد پنجل لاشاري نويد لاشاري آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا

گمبٽ( رپورٽر) گمبٽ لڳ فقيرآباد ڳوٺ غلام اڪبر لاشاري جي معزز شخصيت استاد محمد پنجل لاشاري پاران سابق ڊي اي او خيرپور پروفيس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## گمبٽ فقيرآباد ۾ بدامني خلاف شهرين جو ڌرڻو ٽريفڪ معطل

ڌرڻي سبب گمبٽ _ فقيرآباد لنڪ روڊ مڪمل بند ۽ ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿي وئي آهي

شهرين علائقي ۾ امن امان جي بگڙندڙ صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي

گمبٽ (رپورٽر ) گمبٽ فقيرآباد ۾ بدامني خلاف شهرين جو ڌرڻو ٽريفڪ معطل گمبٽ لڳ فقيرآباد ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ ڦر جي وارداتن خلاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## پير سيد صدرالدين شاهه راشدي جي سالگره جي مناسبت سان ڪيڪ ڪاٽڻ جي تقريب منعقد

جنهن ۾ پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ نئون ڪوٽ جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ عقيدت مندن وڏي محبت ۽ احترام سان شرڪت

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ فقير گل محمد جوڻيجو ۾ پاڪستان فنڪشنل مسلم ليگ جي اڳواڻ پير سيد صدرا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جو هڪ اهم هنگامي اجلاس ضلعي صدر محمد شريف تنيوءَ جي صدارت ۾ منعقد

اجلاس جي شروعات تلاوتِ قرآن پاڪ سان ڪئي وئي، جنهن جي سعادت سائين لياقت علي چانڊيو حاصل ڪئي

ڊريوري آفيسر چنگيزي پاران استادن جي جائز ڪمن تي رشوت طلب ڪرڻ ۽ استادن جا ڪم نه ڪرڻ خلاف حڪمتِ عملي طئي ڪرڻ هو

ٺٽو( رپورٽ رپورٽ واحد شورو) پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جو هڪ اهم هنگامي اجلاس ضلعي صدر محمد شريف تنيوءَ جي صدارت ۾ منعقد ٿيو. اجلا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## غوث محمد پناڻ سپريم ڪورٽ جي سينئر ايڊووڪيٽ شوڪت علي راهمون کي عمرو ادا ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني

هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر شوڪت علي راهمون سان سندس رهائشگاهه تي ملاقات

ڪيس عمرو ادا ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن ميرپورخاص غوث محمد پناڻ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ايڊوو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## هلال احمر پاڪستان پاران سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ ٽن ڳوٺن جي 25 ٻارڙن جي اجتماعي ختني جي تقريب

سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ واقع سوني لٽ پرسان ٽن ڳوٺن جي 25 ٻارڙن جي اجتماعي ختني جي تقريب منعقد ڪئي وئي

تقريب جو مقصد غريب ۽ مستحق خاندانن کي اهم سماجي ۽ طبي سهولت فراهم ڪرڻ هو

ٺٽو(رپورٽ واحد شورو) هلال احمر پاڪستان پاران سنڌو درياهه جي پيٽ ۾ ٽن ڳوٺن جي 25 ٻارڙن جي اجتماعي ختني جي تقريب، ٻارڙن ۾ تحفا ۽ روڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## جسقم ضلعي ٺٽي پاران جهمپير شهر جي بائي پاس چوڪ تي 2 روز علامتي بک هڙتالي ڪئمپ قائم

احمد سولنگي، زاهد پالاري، رشيد درس، ميرخان شورو جي اڳواڻي ۾ قائم ڪندي پهرين ڏينهن مطالبو

ڪوهستان واسين کي پيئڻ جي صاف پاڻي، روزگار سميت سمورين اهم بنيادي سهولتون مهيا ڪرائي پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(رپورٽ واحد شورو) جهمپير شهر ۾ جسقم يونٽ جهمپير پاران جهمپير شهر جي اجتماعي بنيادي اهم مسئلن جهمپير شهر ۽ ڀرپاسي جي رهواس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## نامعلوم هٿياربند ڌاڙيلن اينڊز وينڊز گاڏين کي روڪي هٿيارن جي زور تي ڦر

ڊرائيورن کي يرغمال بنائي ڪائڻ هزارين رُوپيه روڪ رقم ۽ قيمتي موبائل فونون ڦُر ڪري فرار ٿي ويا

مُتاثر گاڏين جي ڊرائيورن پاران ٺٽو/ حيدرآباد قومي شاهراهه تي گاڏيون بيهاري هڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو

ٺٽو(رپورٽ واحد شورو) ٺٽي پرسان چليا لڳ ٺٽو/ حيدرآباد قومي شاهراهه تي ٽن موٽر سائيڪلن تي سوار ڪيترن ئي نامعلوم هٿياربند ڌاڙيلن اينڊز و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

## ميرپورخاص ۽ ابن سينا يونيورسٽي لاءِ هڪ ٻيو اعزاز

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان رائل ڪاليج آف فزيشنز لنڊن جي فيلوشپ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

لاڳاپيل نوجوانن کي بين الاقوامي سطح تي پنهنجي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪندي

ميرپورخاص ( بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۽ ابن سينا يونيورسٽي لاءِ هڪ ٻيو اعزاز، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر خان رائل ڪاليج آف /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

## صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جون شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون

سندن مسئلا ۽ شڪايتون تفصيل سان ٻڌيون ۽ انهن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون

مختلف علائقن مان آيل شهرين صوبائي وزير کي پنهنجن انفرادي ۽ اجتماعي مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ درپيش ڏکيائين جي حل لاءِ درخواستون پيش ڪيون

صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي عوام جا مسئلا غور سان ٻڌندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت

ٺٽو(رپورٽ واحد شورو)صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جون شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون، مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري _ سنڌ جي اوقاف، زڪوات ۽ عشر ۽ مذهبي معاملن واري صوبائي و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## ڪراچي رمضان بليدي جي آزادي لاءِ نئين رهائي ڪميٽي جو اعلان 27 آڪٽوبر تي ٽينڊو ايس اين پي هائوس ۾ اهم اجلاس

رمضان بليدي جي آزاديءَ لاءِ جاري تحريڪ کي وڌيڪ منظم، سگهارو ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ ايس اين پي هائوس تي هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري

لاتعلقي ڪانپوءِ رمضان بليدي جي آزاديءَ لاءِ نئين رهائي ڪميٽي جو باضابطه اعلان 27 آڪٽوبر 2026ع تي پريس ڪانفرنس ذريعي ڪيو ويندو

اجلاس ۾ مختلف قومپرست، سياسي ۽ جمهوري پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪري رمضان بليدي جي آزاديءَ واري تحريڪ کي گڏيل جدوجهد ذريعي اڳتي وڌائڻ تي اتفاق

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي رمضان بليدي جي آزادي لاءِ نئين رهائي ڪميٽي جو اعلان 27 آڪٽوبر تي ٽينڊو ايس اين پي هائوس ۾ اهم اجلاس ڪراچي سنڌ نيشنل پارٽي جي سينيئر وائيس چيئرمين محترم رمضان بليدي جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## روهڙي ريلوي انتظاميا پاران سرڪاري ڪوارٽرن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي

جنهن دوران ريلوي ايس ايڇ او مظهرالدين سومرو پوليس نفري سميت موجود هو. مقصود احمد ڍَر

خانگي ماڻهو سالن کان بنا ادائيگي جي سرڪاري ڪوارٽرن ۾ رهائش پذير آهن

روهڙي( رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ريلوي انتظاميا پاران سرڪاري ڪوارٽرن تان قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ ڪارروائي ڪئي وئي، آءِ ڊبليو مقص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

## بختاور ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پنجين ٽه لساني تقريرن جي مقابلن ۽ سائنس نمائش جو شاندار انعقاد

قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه خاص مهمان، چيف جج محمد علي دراني ۽ بورڊ آف گورنرز جي ميمبرن جي شرڪت

چيف جج محمد علي دراني، ايڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ، بورڊ آف گورنرز (BOG) جي معزز ميمبرن ۽ ٻين اهم شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي

شرڪت ڪندڙن پنهنجي علمي قابليت، فڪري پختگي، خود اعتمادي ۽ تقرير جي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

نوابشاهه (رپورٽر) بختاور ڪيڊٽ ڪاليج فار گرلز ۾ پنجين ٽه لساني تقريرن جي مقابلن ۽ سائنس نمائش جو شاندار ۽ پروقار انعقاد ڪيو ويو، جنهن ۾ ملڪ جي مختلف ناميارن ڪيڊٽ ڪاليجن ۽ تعليمي ادارن جي شاگردن ۽ شاگ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

## سجينٽا ڪمپني پاران آبادگارن ۽ هارين جي مسئلن جي حل، فصلن جي بهتر پيداوار ۽ بيمارين کان بچاءَ بابت آگاهي پروگرام منعقد

فصلن جي بهتر سار سنڀال ۽ فصلن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ بابت هڪ آگاهي پروگرام گهارو جي نجي هال ۾ منعقد ڪيو ويو

جنهن ۾ زرعي ماهرن، آبادگارن ۽ هارين شرڪت ڪئي، پروگرام جي اڳواڻي نيا سويرا سيٽ پون ڪمار ڪئي

پروگرام ۾ زرعي ماهر ۽ ريجنل مئنيجر انور شاهه جيلاني، ڊاڪٽر پرڪاش ڪمار، ڊاڪٽر ظفرالله خان جتوئي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

گهارو (رپورٽ عبداللطيف )سجينٽا ڪمپني پاران آبادگارن ۽ هارين جي مسئلن جي حل، فصلن جي بهتر پيداوار ۽ بيمارين کان بچاءَ بابت آگاهي پروگرام منعقد گهارو ۾ سجينٽا ڪمپني پاران آبادگارن ۽ هارين کي درپيش زرعي مسئلن جي ح/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب25

## ڪامياب ڪارروائي ڪندي قتل جي ڪيس ۾ گهربل اشتهاري جوابدار محمد اشرف جتوئي کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پوليس پاران ڪامياب ڪارروائي ڪندي قتل جي ڪيس ۾ گهربل اشتہ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب26

## روهڙي پوليس سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ شخص کي بچائي ورتو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پوليس سنڌو درياءَ ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي جي ڪوشش ڪند/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب27

## ڀان سيدآباد ۽ سيوهڻ ۾ گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ، ايل پي جي گئس 550 رپيا ڪلو ٿيڻ سبب شهري پريشان

24 ڪلاڪن دوران هڪ ڪلاڪ لاءِ به گئس نٿي اچي، جنهن سبب گهرن ۾ رڌپچاءُ ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو

گهريلو گئس جي بندش سبب شهري مجبور ٿي ايل پي جي LPG گئس سلينڊرن ۾ ڀرائي استعمال ڪري رهيا آهن

هاڻي ايل پي جي ر LPG گئس جي قيمت به 550 رپيا في ڪلو تائين پهچڻ سبب غريب ۽ وچولي طبقي جي ماڻهن لاءِ به ويلا ماني پچائڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي

جامشورو(رپورٽر)ڀان سيدآباد ۽ سيوهڻ ۾ گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ، ايل پي جي گئس 550 رپيا ڪلو ٿيڻ سبب شهري پريشان پوري سنڌ سميت سيوهڻ شريف ۽ ڀان سيدآباد ۾ گهريلو گئس جي لوڊشيڊنگ ۾ واڌ سبب شهري سخت پريشا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## ايف ايف سي فوجي فرٽيلائزر پاران ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار بابت آگاهي پروگرام منعقد

جيئن ڪڻڪ جي پيداوار ۾ واڌ سان گڏ آبادگارن جي آمدني ۽ منافعي کي پڻ بهتر بڻائي سگهجي

هن آگاهي پروگرام جو مقصد آبادگارن کي جديد زرعي ٽيڪنالاجي، معياري ٻاڻن ۽ بهتر زرعي طريقن کان روشناس ڪرائڻ هو

پروگرام دوران سوالن ۽ جوابن جي نشست پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ صحيح جواب ڏيندڙ آبادگارن کي انعام ڏنا ويا

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ايف ايف سي فوجي فرٽيلائزر جي سهڪار سان قريشي بينڪوئيٽ ميرپورخاص ۾ ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار، جديد زرعي طريقن ۽ معياري ٻاڻن جي اثرائتي استعمال بابت آگاهي پروگرام منع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

ميرپورخاص: ايف ايف سي فوجي فرٽيلائزر پاران ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار بابت آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي

## ننگرپارڪر ۾ ترقياتي ڪم نه هئڻ برابر، سمورا روڊ رستا تباهه آهن: مخدوم جميل الزمان

مٺي/ننگرپارڪر(رپورٽر) سروري جماعت جي روحاني پيشوا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

## ٿرپارڪر پوليس جي آفيسرن ۽ جوانن لاءِ آگاهي سيشن ۽ طبي اسڪريننگ

مٺي /ٿرپارڪر: (رپورٽر) ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز جي هدايتن تي ٿرپارڪر پوليس پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

## پڊعيدن ۾ پورهيت عطا حسين شيخ جي وارثن پاران پڊعيدن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

وارڊ نمبر 3 جي رهواسي پورهيت عطا حسين شيخ تي ميمڻ برادريءَ سان تعلق رکندڙ هٿياربندن مُبينا طور چاقو ۽ ڇرين جا وار ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو هئو

جنهن بعد جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا زخمي پورهيت کي ڳڻتيءَ جوڳي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر پڊعيدن مان نوابشاهه ريفر ڪيو ويو هئو

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن لڳ ٽي ڏينهن اڳ مُبينا قاتلاڻي حملي ۾ مرٽيگ ٿيندڙ پورهيت عطا حسين شيخ جي وارثن پاران پڊعيدن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو. جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ انصاف جي فراهميءَ جو مطالبو خبر موجب وارڊ نمبر 3 جي رهواسي پورهيت عطا حسين شيخ تي ميمڻ برادريءَ سان تعلق رکندڙ هٿياربندن مُبينا طور چاقو ۽ ڇرين جا وار ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

## قلجي اسٽيشن: چيمبر آف ڪامرس جي صدر سان واپارين جي ملاقات

چيمبر آف ڪامرس لاءِ نظير احمد چانڊيو جون وڏيون خدمتون ۽ قربانيون آهن: غلام حيدر پنهور

دڪاندارن جي حقيقي نمائندگي لاءِ ضروري آهي ته سمورا فيصلا واپاري برادري جي اعتماد ۽ مشاورت سان ڪيا وڃن

قلجي اسٽيشن (رپورٽر) چيمبر آف ڪامرس جي صدر نظير احمد چانڊيو سان معزز واپارين نظير احمد ڪوڪر ۽ علي شير پنهور ملاقات ڪئي. ان موقعي تي غلام حيدر پنهور، غلام سرور پنهور ۽ فهميم پنهور پڻ موجود هئا. ملاقا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33